ڪينجهر ڪٺي

شاعري

حزب الله ميهڙائي



مرتب: مولانا اعجاز علي سوڍر

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ڪينجهر ڪٽي

(حزب الله ڏيرو (ميهڙائي) جي شاعريءَ
جو مجموعو)

مرتب
اعجاز علي سوڍر
پي ايڇ ڊي اسڪالر ميهڙ

چپائيندڙ
(As-Shafeeq Welfaire Association Mehar)
(الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن (آس) ميهڙ)
2023ع

چانڊوڪي رات ۾ تنهنجو مُرڪي هلڻ
پائي پازيب پَيرن ۾ او پدمڻي
تنهنجي نخرن تي جهومي زمين آسمان
سُونهن تنهنجي جي آڏو آ ڪِينجهر ڪَٽي

حزب الله ڏيرو (ميهڙائي)

ڪتاب جو نالو : ڪينجهر ڪٺي
مرتب : اعجاز علي سوڍر
ڇاپو پهريون : جنوري 2023ع
ڪمپوزنگ : محمد موسىٰ ڪوسو
ٽائيٽل / لي آئوٽ : اظهر سولنگي (آدرش پرنٽرز ميهڙ)
تعداد : 500 پنج سو
ڇپائيندڙ : (Aas)
(As-Shafeeq Welfaire Association Mehar)
(الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن (آس) ميهڙ)
ڇپيندڙ : ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز- حيدرآباد
قيمت : 600 روپيا

ملڻ جا هنڌ

فاروق سومرو بوڪ اسٽال ميهڙ
0302-3278489
سيٺ تولارام ڪلاٽ هائوس ميهڙ
0302-3250805
الاحسان بوڪ اسٽال نزد الحبيب بئنڪ ميهڙ
0300-3671729

ارپنا

مان پنهنجي هن ڪاوش کي ميهڙ جي عظيم علمي شخصيت حضرت مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي فرزند اديب ۽ محقق مرحوم محمد امين مگسي ۽ منهنجي استاد محترم سائين نور احمد جتوئي (بيباڪ) دامت برڪاتهم کي ارپيان ٿو.

وَكَم مِن عَليلٍ عاشَ دَهراً إِلى دَهرِ
فَكَم مِن صَحيحٍ ماتَ مِن غَيرِ عَلَّةٍ

حضرت علي المرتضىٰ شير خدا ڪرم الله وجهہ

فهرست

مرتب پاران

انسان احساسات جو مجموعو آهي. منجهس غم ۽ خوشيءَ جا جذبا رکي ڪيس مضبوط ۽ ڪمزور بڻايو ويو آهي. انسان ضعيف ايترو آهي جو نہ گهڻي گرمي سهي سگهي ٿو نہ ئي گهڻي سردي سهي سگهي ٿو. ڏاڍو وري ايترو جو جبلن جا سينا چيري چڪو، هوائن ۽ پاڻي مٿان حڪمراني ڪري ٿو. فاصلن ڪي گهٽائڻ ۾ ڪامياب ٿيو، چنڊ کي فتح ڪرڻ کان بعد ٻين سيارن تي ڪمند وجهي چڪو آهي. انسان منجهہ جذبا بيدار رکيا ويا. ڪيس بيان ڪرڻ جي طاقت ملي تہ وري قلم جي قيادت بہ نصيب ٿي. انسان کي سندس علم، عقل ۽ شعور جي طفيلي الله رب العزت اشرف المخلوقات جو درجو عطا ڪيو. انسان جي سوچ ، سمجهہ، استعداد ۽ طاقت مختلف ٿئي ٿي. هر انسان کي قلم هلائڻ جو هنر نہ ايندو آهي ۽ نہ ئي وري هر انسان دل جي احساسن کي بيان ڪرڻ جي قوت رکي ٿو. علم ادب انسانيت جي خدمت جو هڪ الڳ ميدان آهي. دلين جي ترجماني ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. الله رب العزت اهڙي ذات ڪجهہ ماڻهن کي عطا فرمائيندو آهي. جيئن سرڪاري مشينري ، علماء ڪرام ، اولياء الله ۽ قلم ڌڻي قوم جا رکوالا ٿين ٿا بلڪل اهڙي طرح سگهڙ، اديب، نثر نويس ، شاعر ۽ قلم ڌڻي بہ قوم جو سرمايو هوندا آهن. اهي قوم جي شعور کي بيدار ڪرڻ وارا هوندا آهن. شاعر حضرات عوام جي دلين جي ترجماني ڪرڻ وارا، عوام جي جذبات کي جاڳائڻ وارا ۽ سماج سڌارڪ بہ ٿين ٿا. هو دل جي ترجماني ڪرڻ لاءِ الفاظ جو سهارو وٺي سهڻن لفظن کي

پنهنجي شاعري منجهہ سموهي پيش ڪندا آهن. ڪجهہ شاعر حضرات پنهنجي قلم کي جنبش ڏئي پنهنجي ترجماني کي شاعريءَ جي روپ ۾ قلمبند ڪري ايندڙ نسل لاءِ پيغام رساني ۽ تاريخ کي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪندا آهن. وري ڪڏهن پنهنجي ذاتي زندگي ۽ چاهتن کي بہ عيان ڪري ويهندا آهن. اسان جي ميهڙ بہ علمي ناياب هيرا پيدا ڪرڻ ۾ آسودي رهي آهي. اسان جي ميهڙ جي مايہ ناز شاعرن جي فهرست ۾ ميهڙ جي عظيم علمي ۽ ديني گهراڻي جو فرد محترم حزب الله ڏيرو بہ هڪ آهي. پاڻ پنهنجي جنم پوميءَ سان دلي لڳاءُ هئڻ ڪري ميهڙائي سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندو آهي. حزب الله پنهنجي روزي روٽي ۽ ٻچن جي پرورش ڪرڻ لاءِ پرائيويٽ نوڪري ڪري حق حلال ڪائڻ ۽ پنهنجن ٻچڙن کي ڪارائڻ لاءِ جتن ڪندو رهي ٿو. سندس شاعري غير محفوظ هئي. غربت سبب ڪتابي صورت ۾ قلمبند ڪري محفوظ ڪرڻ جي جستجو ۾ رڌل ضرور هو مگر سندس غربت انهيءَ ۾ هميشہ حائل رهي. راقم سندس محنت کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ ميهڙ جي علم دوستن ۽ علم جي عشاق حضرات استاد محترم سائين مولانا حافظ نور احمد جتوئي (بيباڪ)، مولانا حبيب الله ڏيرو (حبيب حضوري)، محترم فيض الڪريم ڏيرو، محترم زبير احمد پرٽ، محترم فاروق احمد سومرو، محترم گلشير سوڍر، محترم لياقت علي سومرو (دراوڙ)، حافظ گل محمد بروهي، محترم مبين مگسي ۽مولانا سڪندر علي ٻرڙو کان انهيءَ خدمت ۾ مدد ڪرڻ جي درخواست ڪئي. جنهن ۾ انهن اهل علم دوستن ساٿ ڏنو.انهن دوستن جي مهربانيءَ سان اڄ حزب

الله ڏيرو جو هي ڪتاب ڇپجي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي ۽ حزب الله جي شاعري پڻ محفوظ ٿي وئي. الله رب العزت هر دوست کي سنڌس مهربانيءَ جو سنو بدلو عطا فرمائي.

جن فنڪارن حزب جي شاعري ڳائي آهي انهن ۾ فنڪار عبدالله بلوچ (ميهڙ حال لياري ڪراچي) جي آواز ۾ "ڇڏ ضد کي وڃ تون ضد تان لهي"، ياسر سمون (سکر) جي آواز ۾ "منهنجي هن سان هن جي مون سان"، نادر سرگاٽي (صوبدار سرگاٽي) جي آواز ۾ "1. آهي آزمايل آزمائي ڏسان ٿو، 2. تنهنجي حسن تي سڀ ٿا مرن ۽ 3. آيو ونڻ آهيان جاني تو کي"، شبانه ڪوئل (لاڙڪاڻو) جي آواز ۾ "اچين جي قرب ڪري ڪري، شازيه ماروي (خيرپور ميرس) جي آواز ۾ "موسم ڏاڍي پلي آ"، نغمه ناز (لاڙڪاڻو) جي آواز ۾ "ڪيڏي تنهنجي آ حسين سادگيءَ تي ڇا لکان"، رخسانه ماروي (خيرپور ميرس) جي آواز ۾ "1. ميهڙ پهريون نمبر اٿئي، 2. تنهنجي ٻانهن کان ڪنڌن جا هار، 3.ڪيو ٿئي ناز ڏارين تي، 4. تون ساڻ جو مون سان آهين، 5.هڪ پل به نه ڇڏي آ سورن پچر، 6. اڄ ته سائين واه جا سينگار ۽ 7. ميهڙ ۾ آهي دلبر ميهڙ سان چاهه منهنجو"، سميع ڏيرو (ميهڙ) جي آواز ۾ "1. هتي جهل پير ويندي تباهه ٿي، 2.اڄ جنهن جي سزا آ دل کي ملي، 3. أڪلي فٿ پوندا هي، 4.جنهن ڏينهن کان تون جدا ٿيو آن، 5. جيئن ڇڏي وئين پرين، 6. سنڌ پنهنجي آهي امان، 7. مون مان تنگ هئين تون پرين، 8.هن عيد تي جاني آءِ 9. ڪيون اهڙو سڏو هڪ وار ويو، 10.ڪنهن جي چوڻ تي سهٽا، 11. تون آهين سهڻي صفا زور ۽ 12. سهڻن ۾ منهنجو پيارو"، ساجد علي

ساجد منگي (نوابشاهه) جي آواز ۾ "افسوس آهي انسان آن تون"، ضامن علي (ڪوٽڙي) جي آواز ۾ "پنڌڙا تو ڏي ڏينهن رات ڪيان"، طارق علي چانديو (مرحوم) (ميهڙ) جي آواز ۾ "اسان گم هون پرين پيارا"، علي گل ميراڻي (ٺرڙي محبت) جي آواز ۾ "1.افسوس اهو آهي سنگدل آ صنم، 2. سامهون ويهاري تو کي دلبر، 3.سنڌي ٽوپي اجرڪ ۾ هو پيارو ۽ اڪ اڙي تو سان وري"، علي اصغر چانديو (ميهڙ) جي آواز ۾ "ڏسي حسن تنهنجو دل ٿي ديواني"، سوڍل قمبراڻي (سنڌي ٻٽ) جي آواز ۾" اڄ پاڻ ملئون ٻئي پيارا"ميهڙ جي ڳوٺ ٻاڙيا پنهور جي شاعر ۽ نعت خوان عبدالحميد جسڪاڻي جي آواز ۾ "اڪيون اجاريون اکيون بڪاريون"۽ ضامن علي (حال وينل ڪوٽڙي) جي آواز ۾ "پنڌڙا تو ڏي ڏينهن رات ڪيان، تو سان مني ملاقات ڪيان" ڪلام ڳايل آهنشامل آهن. حزب الله جي شاعري ڪهڙي ليول جي آهي يا پاڻ انهي ميدان ۾ ڪيتري مهارت رکي ٿو يا سندس محنت ڪيترو ڪارگر آهي انهيءَ جو اندازو سندس شاعري پڙهڻ کان پوءِ بخوبي ٿي ويندو. اميد ڪريان ٿو ته ناچيز جي هيءَ محنت به قبول پوندي

اعجاز علي سوڍر

پي ايڇ ڊي اسڪالر ميهڙ

aijazsodhar58@gmail.com

03013349366

03463087790

حزب الله ڏيرو (ميهڙائي) پاران

فريد آباد شهر کان ساڄي پاسي ٽن چئن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳوٺ لاکو تڪيو منهنجي جنم ڀُومي آهي. وارهہ تعلقي جو هي ننڍڙو ڳوٺ جتي مون جنم ورتو جيتوڻيڪ هينئر ڌرتيءَ جي گولي تان ميسارجي چڪو آهي پر منهنجو روح اڄ بہ انهن گهٽين، پٽن ۽ پوٺن تي ڀٽڪي ٿو، جتي مون زندگيءَ جا ابتدائي ست اَٺ سال مَسَ گذاريا هئا. منهنجي ساهن ۾ اُن مٽيءَ جي مَهڪ ۽ خوشبو اڃان تائين سَمايل آهي.جيئن مارئي عمر جي محلن ۾ پنهنجي ملڪ ملير ۾ مِينهن وسڻ کان پوءِ پيدا ٿيندڙ مَيهن، مِتيرن، پَيرُن ۽ پلُر کي ياد ڪندي هئي. منهنجو مَنَ بہ ايئن ئي جڏهن اُتي جي موسم اڇي ٿي تہ انهن منظرن کي ياد ڪري ٿو. برسات کان پوءِ نَيُنِ جو وَهِي اچڻ، صبح جو ڪُنيُن جو اُسرِي پوڻ، جوئر، ٻاجهري، مَيها، مِتيرا ۽ ٻين انيڪ شين جي ڪشش اڄ بہ منهنجي مَنَ ۾ آهي. جنهن جو عڪس منهنجي شاعريءَ ۾ پڻ موجود آهي. لاکي تڪيي مان لڏي اچڻ کان پوءِ مون شروعاتي تعليم ميهڙ جي مدرسي مان حضرت علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي کان حاصل ڪئي، جيڪي هڪ شفيق استاد هئا. مون کي ننڍپڻ ۾ شاعري جو شوق نہ هو پر علمي ۽ ادبي ماحول ملڻ ڪري منهنجي دل ۾ شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيو ۽ مون لکڻ شروع ڪيو ۽ دوستن جي اتساهہ تي ۽ خاص ڪري

محترم سائين مولانا اعجاز علي سوڍر جي همت افزائيءَ تي مون لفظن کي ڪتابي صورت ڏيڻ جو پڪو پَهہ ڪيو. منهنجي شاعريءَ جو موضوع ڌرتيءَ ۽ سَرتيءَ جي محبت، مارن جي اُڪِير، معاشري جي اڻ برابري، ڌارين جو ڏاڍ، پنهنجن جا سِتم ۽ محبوب جي زلفن جي دلڪشي آهي.مون پنهنجي موضوع سان ڪيترو نِباهُ ڪيو آهي، اهو اوهان ئي ٻڌائي سگهو ٿا.هيءَ منهنجي پهرين ڪوشش آهي. اميد آهي تہ اوهان همت افزائي ضرور ڪندا.

آخر ۾ مان سائين اعجاز علي سوڍر جو نهايت ئي ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي تمام گهڻو اتساهيو ۽ منهنجي همت افزائي ڪئي.

اوهان جو پنهنجو
شاعر حزب الله ڏيرو ميهڙائي
8جولاءِ2022 ع

حزب الله سان منهنجي وابستگي

مان جڏهن شاعر حزب الله ميهڙائي جو نالو ونان ٿو تہ منهنجو ذهن پنجاهہ سال پوئتي ٻاروتڻ جي انهن خوشگوار يادن ڏانهن موٽي وڃي ٿو، جڏهن ميهڙ ڪو وڏو شهر نہ هو. اسان جو اسلام آباد محلو جيڪو هينئر وچ شهر ۾ آهي سو ان وقت شهر کان ڪافي ٻاهر هوندو هو. جنهن جي پرسان ميونديءَ جا وڏا باغ هوندا هئا جيڪي سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر ميهڙ جي سڃاڻپ هوندا هئا.

اسان جي گهرن جي پرسان ڏيپرن، چانڊين، سيدن، جوڳين ۽ بازيگرن جا گهر هوندا هئا ۽ اسين سڀ ٻار ذات پات جي فرق کان سواءِ گڏجي کيڏندا هئاسين. حزب الله جو ۽ منهنجو پڪو جوڙو هوندو هو. سڄو ڏينهن گڏ هوندا هئاسين. اسان مدرسي ۾ پڙهڻ دوران ٽِڪڻ تي ٽالهہ رکي ڦڪر (فقر) بہ ورتو تہ گڏ ڦرٽيون بہ ڦيرايون تہ بلور بہ کيڏياسين تہ ڪوڏي ڪوڏي ۽ مَلهہ بہ خوب وڙهياسين. پوءِ وقت ڪي ڇڻ پَرَ لڳي ويا ۽ ذميوارين جا بار اوچتو ڪُلهن تي اچي ڪڙڪيا ۽ خبر ئي نہ پئي تہ وقت ڪيئن گذري ويو ۽ عمر جو احساس تڏهن ٿيو جڏهن واٽ ويندي ڪو چاچا ۽ ڏاڏا چئي مخاطب ٿيو. گهر وڃي غور ڪري آئيني تي وارَ ڏٺاسين تہ برابر ڪنهن وقت ۾ ڪارن ڪڪرن جهڙن وارن جي جاءِ تي مينهن وسي وڃڻ کان پوءِ چاندي جهڙن اڇن ڪڪرن جهڙا وارَ بزرگيءَ جو احساس ڏياري رهيا هئا.

خير مان الائي ڪاڏي هليو ويس. لکڻو هُيو حزب الله ميهڙائي جي شاعري تي.

حزب الله ننڍي پڻ ۾ جيتوڻيڪ پڙهائيءَ ۾ ايترو هوشيار ڪو نہ هو پر فنِ ظرافت ۽ طنز و مزاح جيڪو پڻ هڪ آرٽ ۽ فن آهي، ان ۾ سندس ذهن ڏاڍو تيز هوندو هو. ايتري قدر جو اسان جا استاد گرامي حضرت علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جيڪي پاڻ تمام خوش مزاج هوندا هئا. حزب الله ڪي پرسان ويهاري ڪچهري ڪندا هئا ۽ ان جي مزاح مان لطف اندوز ٿيندا هئا ۽ پوءِ حزب الله جلد ئي تلاش معاش ۾ سيٺ تولا رام جي ڪپڙي جي دڪان تي ڪم ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي ذهانت، ايمانداريءَ ۽ قابليت جي ڪري سيٺ تولا رام جي دل ۾ گهر ڪري ويو ۽ اهو ڏينهن ۽ هي ڏينهن ان سان نڀائيندو پيو اچي. پاڪستان ۾ جڏهن موبائيل فون جو دور آيو تہ ايئن ماڻهن ۾ ادب ڏانهن دلچسپي پيدا ٿيڻ لڳي. حزب الله ۾ پڻ ادب جي جيڪا ڏات لڪل هئي ظاهر ٿيڻ لڳي. سندس خاندان تہ هونئن ئي علمي ادبي خدمتن ۾ مشهور آهي. سندس وڏو ڀاءُ حبيب الله ڏيرو عرف ”حبيب حضوري“ ڪنهن تعارف جو محتاج نہ آهي. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف، سماجي خدمتگار، عالم، اديب، محقق ۽ صحافي پڻ آهي. حزب الله 2016 يا 2017ع ۾ لکڻ شروع ڪيو. شروع ۾ سندس شاعري ۾ ڪجهہ فني اوڻائين جي ڪري ڪجهہ دوستن تنقيد جا تير بہ هلايا تہ ڪن وري حوصلہ افزائي بہ ڪئي ۽ ايئن ئي پاڻ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي وڏي حوصلي ۽ همت سان سنڌي ادبي سنگت جي ميڙاڪن توڙي ڪن ٻين ادبي فورمن تان پنهنجي شاعري وڏي اعتماد سان ٻڌائيندو رهيو ۽ آخر سندس محنتن رنگ لاتو ۽ مخالف بہ موافق بنجڻ

لڳا. سندس شاعري ۾ ڀلي ايتري فني پختگي نہ هجي پر سندس خيال ۽ جذبا ساراهہ جي لائق آهن.

ڪٿي ڪٿي تہ سندس شاعري چرڪائي وجهي ٿي. پاڻ سونهن ۽ سنڌ جو عاشق آهي. سندس شاعري جو محور ۽ مرڪز بہ سونهن ۽ سنڌ آهي. مان تہ ڪيس صلاح ڏيندس تہ سندس ڪتاب جو نالو بہ "سونهن ۽ سنڌ" هئڻ گهرجي. سندس شاعري سنڌ جي ڪافي ڀلوڙ فنڪارن پڻ ڳائي آهي. جن ڪافي مقبوليت پڻ ماڻي آهي.

هن مهانگائيءَ جي دور ۾ جتي انسان ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان هجي. اتي هڪ وڏي فيملي کي پاليندڙ هڪ ننڍڙو ملازم پنهنجي شاعري جو ڪتاب آڻي ٿو تہ اها ڳالهہ ڪنهن ڪرشمي کان گهٽ نہ آهي. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ هو پنهنجو قلمي پورهيو ڪري ايندڙ نسلن لاءِ هڪ علمي ۽ ادبي تحفو ڏئي رهيو آهي. مون کي انهيءَ ڳالهہ جي پڻ خوشي ٿي رهي آهي تہ سندس شاعري جي هن ڪتاب جو مرتب منهنجو شاگرد مولانا اعجاز علي سوڍر آهي. جيڪو پاڻ پرائمري اسڪول ٽيچر، عالم، اديب ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ پي ايچ ڊي جو شاگرد آهي.

اميد ڪريان ٿو تہ هن ڪتاب کي علمي ادبي حلقن ۾ سُٺي موٽ ملندي ۽ حزب الله ميهڙائيءَ جي همت افزائي پڻ ٿيندي.

حافظ نور احمد (بيباڪ) جتوئي

5 جون 2022ع

مهاڳ

حزب الله ميهڙائي ۽ ميهڙ

هر شيءِ کي پنهنجي مخصوص خوشبوءِ هوندي آهي ۽ اها خوشبوءِ ئي ان جي سڃاڻپ جو حوالو هوندي آهي. ايئن ئي هر شهر کي پنهنجي مخصوص سڃاڻپ هوندي آهي. پوءِ چاهي اها سڃاڻپ ڪنهن شخصيت سان هجي يا ڪنهن مخصوص شيءِ سان هجي. ميهڙ سنڌ جي انهن شهرن مان هڪ آهي، جنهن کي ڪيترين شخصيتن ۽ شين سان سڃاتو وڃي ٿو. ٻين لاءِ ميهڙ شهر ڪهڙو حوالو رکي ٿو؟ اها مون کي خبر ناهي پر مون کي اها ضرور خبر آهي تہ مون لاءِ ميهڙ شهر سنڌ جي پهرين شعوري شهيد، شهيد سميع الله ڪلهوڙي، مولانا غلام محمد گرامي، ميندي ۽ مائي جي حوالي سان سڃاڻپ رکي ٿو.

ان ئي شهر ۾ ڪيتريون ئي ٻيون شخصيتون پيدا ٿيون جن زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو. اڄ بہ جڏهن ميهڙ جي تاريخ کي پڙهجي ٿو تہ اسان کي سڄي تاريخ ۾ ميهڙ جون علمي ۽ ادبي شخصيتون نمايان ٿيندي نظر اچن ٿيون، جن پنهنجي قلم وسيلي سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ نثر ۽ نظم جا ڪيترائي خوشبودار گل وڌا آهن. اسان پري نہ ٿا وڃون. ورهاڱي کان پوءِ جي ئي تاريخ کي ڏسون ۽ پڙهون ٿا تہ شمس الدين بلبل، ضياء الدين ايس بلبل، مولانا غلام محمد گرامي کان اسحاق راهيءَ تائين ۽ وري انهن کان پوءِ جي پيڙهيءَ ۾ امتياز عادل سومرو، رحمت الله سومرو ۽ آزاد انور ڪانڌڙو تائين ۽ انهن سيني سميت

ٻيا جيڪي ٻه سينيئر، جونيئر شاعر ۽ اديب آهن انهن جون تحريرون عام نه بلڪه خاص آهن.

مان پنهنجي اصل ڳالهه تي اچڻ کان پهرين هڪ ٻه ٻيون ٻه ڳالهيون لکڻ ٿو چاهيان. گهڻو پري نه ٿا وڃون، ميهڙ جي ٻن شاعرن جو خصوصي حوالو ڏئي مان پنهنجي ڳالهه تي اچان ٿو. اسحاق راهي جي شاعري پنهنجي دور جي شاندار شاعري هئي. جيڪا ان وقت ريڊيو تان مقبول فنڪارن جي معرفت سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ تائين پهتي ته سندس شاعريءَ جي خوشبوءِ هر ماڻهوءَ کي معطر ڪيو ۽ ٻيو حاجي غلام نبي مهيسر، جنهن جي شاعري سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ ماڻهن جي ڪنن تائين پهتي ۽ پسند ڪئي وئي. اصل ڳالهه جي چوڻ جو مقصد ته اها شاعري گائڪيءَ جي سيني گهرجن تي پوري لٿي ۽ اهو دور هيو ٻه اهڙو جو ان وقت ماڻهن جي تفريح گهڻي ڀاڱي ريڊيو هئي ۽ جنهن ٻه شاعر جو هڪ اسم هڪ ڀيرو ٻه ريڊيو تي ڳايو ويو ته اهو شاعر ان هڪ اسم جي ڪري ئي مشهور ٿي ويو.

هاڻي مان پنهنجي اصل ڳالهه تي اچڻ چاهيندس ۽ اها ڳالهه اها آهي ته هيءِ جيڪو شعري مجموعو توهان جي هٿن ۾ آهي، ان مجموعيءِ۾ شامل شاعريءَ مان ڪجهه چونڊ شعري اسم مون کي حزب الله ڏيري ڏنا هئا ٻه اکر لکڻ لاءِ، مون جڏهن اها شاعري پڙهي جنهن ۾ غزل، گيت ۽ نظم شامل هئا. سندس شاعريءَ ۾ شامل رنگ ۽ ڍنگ سادو آهي. جيڪو عام طور اسان جا سنڌي فنڪار ڪيسٽ جي دنيا ۾ ڳائيندا آهن. هن وٽ اظهار جو وسيلو شاعري آهي ۽ ان تي حزب الله کي داد نه ڏجي ته ٻيو ڇا ڪجي.

ملي مون کي سزا جيڪا محبت جي عدالت ۾
وڃي منهنجو اسم لکجي سوالن ۽ جوابن ۾

هڪ سچو عاشق ئي اهڙي خواهش جو اظهار ڪري سگهي ٿو ۽ مان سمجهان ٿو ته حزب الله عشق جي پاڙي ۾ رهندڙ نه پر عشق جو گهر ڀاتي آهي. هن سان ملي، ڳالهائي ۽ ٻڌي اهو جلدي محسوس ڪري سگهجي ٿو ته هن جي من ۾ محبت جو ملڪ آباد آهي. جنهن ملڪ جو هو اڪيلو ئي مالڪ آهي.

تنهنجي نخرن تي جهومي زمين آسمان
سونهن تنهنجي جي آڏو آ ڪينجهر ڪٽي

مٿيون شعر هن جي سڃاڻپ جو سهڻو حوالو آهي. مان چوندو آهيان ته جيڪو پنهنجي اظهار جو وسيلو شاعريءَ کي سمجهي ٿو. ان جي ٻين عيبن، ثوابن کي پاسي تي رکي هن جي جذبن کي داد ڏجي ۽ اهڙيءَ ئي طرح مان حزب الله ڏيري کي مبارڪون ٿو ڏيان. جنهن شاعريءَ جهڙي شعبي ۾ داخلا ورتي آهي. جتي دائميت ئي دائميت آهي.

احمد شاڪر

22جنوري2022 ع

ميهڙ

عاشقي ۽ ديوانگيءَ جو شاعر حزب الله ميهڙائي

حزب الله ميهڙائي جو ڳانڊاپو به ان خاندان سان آهي جنهن جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي خدمتن کان ڏيهه آگاهه آهي. ميهڙ جي ديروي خاندان جي عظمت کان ڪير واقف ناهي؟ مولانا عبدالڪريم ديروي کان وٺي حبيب حضوري تائين ۽ هاڻي شاعر حزب الله ميهڙائي جو تعلق به ان ڪٽنب سان سلهاڙجي ويو آهي. حزب الله ميهڙائي جي سڃاڻپ هڪ شاعر طور ٿئي ٿي. سندس هي ڪتاب به شاعري جي اسمن تي مشتمل آهي.

حزب الله ميهڙائي جي شاعري ۾ هندستاني فلمن ۾ عڪاسيل منظرن جي جهلڪ نظر اچي رهي آهي. جنهن ۾ جبلن، پهاڙن، آبشارن، سبزه زارن جو ذڪر ججهي انداز ۾ نظر اچي ٿو. شايد اهي سندس حسين خواب هجن جيڪي هن ساپيان ۾ نه ماڻي نه سگهيا پر شاعري جي سهاري انهن کي اظهاريو آهي. هن جي شاعري محبت جي انهن مڪانن ۽ زمانن کي گهڻو اچاري ٿي جيڪي هن جي دل دماغ تي اڪريل آهن. اهي جايون جتي هن حسن جو ڪو پرتئو پسيو هو جن کي هو اجان تائين وساري ناهي سگهيو، حالانڪ هو عمر جو جوڀن وارو حصو گذاري چڪو آهي. توڻي جو هن 2014ع ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي آهي پر اج تائين هو

انهن مڪانن ۾ گم سم لڳي ٿو. جيڪا سندس ذهانت ۽ يادگيري جو ڪمال آهي. هڪ شعر ۾ چوي ٿو:

اسان گُم هون پرين پيارا محبت جي مڪانن ۾
فرق ڪهڙو آ سهڻا موتئي ۽ گلابن ۾

حزب الله ميهڙائي جي شاعري نج پج ڀهراڙي جا ميداني منظر پيش ڪري ٿي. جتي اُکري، مُهري سان چانورن جي چڙهڻ جو منظر، لئي جي وڻ مان محبوب جو ليئا پائڻ، پيرن ۾ پايل پائي، ڇم ڇم ڪري دلو مٿي ۽ ڪڇ تي ٻيلهڙو ڪٽي پاڻي ڀرڻ لاءِ تڙ تي يا کُهي تي وڃڻ جو نظارو نظربند ڪرڻ، پڪل ٻيرين مان ٻير پٽڻ، ميگهه ملهاري جي موسم ۾ وارن کي وٺڻ نيٺ ڀهراڙي جا دلڪش نظارا آهن. هڪ غزل ۾ هو چوي ٿو:

مون کي ڏاڍو وڻندي آن، جڏهن چانور چنڊيندي آن
پري جهول ڪٽڻ جو تون اُکري ۾ ڪُٽيندي آن

حزب الله ميهڙائي پنهنجي شاعري ۾ ڪاڇي سان گڏ ٿر ۽ وچولي کي ڳايو آهي. جتي هن ڪاڇي جي منظرڪشي ڪئي آهي اتي هن ٿر جي جهلڪ ۽ وچولي جي گلابي گلن کي به وساريو ناهي. ان ڪري ئي حزب الله ميهڙائي جي شاعري ۾ جلد ئي نکار اچي ويو آهي. صفا ايئن به ناهي ته هن جي شاعري ۾ رومانيت وڌيڪ اجاگر ٿيل آهي پر سندس

شاعري قومي رنگ ۾ رنگيل آهي. قومي شاعري سان به هن چڱو خاصو نياپو آهي. ظلم جي ڪاري رات ۾ عدل جا روشن تارا ٽمڪائڻ جي خواهش به رکي ٿو ته سنڌ جي شهيدن کي به ياد ڪري ٿو جيڪا خوبي هر باشعور شاعر ۽ غيرتمند سرجڻهار جي علامت هوندي آهي. پلوڙ شاعر جو اهو ئي ڪارنامو اها ئي سڃاڻپ ڳڻڻ ۾ ايندي آهي ۽ اتان ئي پروڙ پوندي آهي ته هو قومي درد ڪيترو محسوس ڪري ٿو ۽ قوم کي ان بابت ڪيتري آگاهي ڏئي ٿو. حزب الله ميهڙائي جي شاعري ان معيار تي به پوري لهي ٿي. هڪ شعر ۾ ان جي اپٽار هن ريت ٿيل آهي:

هيمون جي جذبن جو مون کي قسم آ،
سُوليءَ تي هڪ ٻئي کان ڀارا پُڇن ٿا،
اڃان رات ڪاري آ، تارا پُڇن ٿا،
نياڻين جي نيڻن جا چارا پُڇن ٿا.

حزب الله ميهڙائي جي شاعري ۾ اتساهه آهي. هڪ پيغام آهي، هڪ سنديسو آهي جيڪو هو سنڌي قوم کي ڏيڻ چاهي ٿو. اهو نياپو پڻائي جو آهي، اهو سنديسو سچل جو آهي ۽ اهو پيغام سنائي ۽ بخاري جو آهي. هو ڪمزور دل مردن کان بهادر عورتن جا مثال ڏئي ٿو. حزب الله ميهڙائي مائي بختاور ۽ مائي جيئندو جي ڪردارن جي واکاڻ ڪري ٿو. بهترين شاعر به اهو ئي آهي جيڪو حقيقت پسند هجي.

ماروئڙن جي جهانگيئڙن جي زبان بڻجي ۽ انهن جي دلين جي ترجماني بڻجي اهڙن شاعرن کي هر دور ۾ عزت ملندي رهي آهي. اهڙا ئي شاعر قومن جا امام ۽ اڳواڻ ٿيندا آهن. حزب الله ميهڙائي جي شاعري ۾ سنڌ جي تاريخ جا واقعا، حادثا ۽ معاملا قلمبند ڪيل آهن جيڪي اڳتي هلي اسان جي تاريخ جو حصو ٿي هڪ سچو پچو باب بڻجي ويندا. جن سٽن کي سنڌ جا ماڻهو سيني سان سانڍي رکندا.

شهپر وٺي جيڪو گهمي روڊ پيو ٿو،
جيئندو مائي انهيءَ کان ته نياڻي پلي آ،
پنهنجي سنڌي ٻولي، ڪلچر تان صدقي،
اجرڪ، ٽوپي، ڪهاڙي پلي آ.

حزب الله ميهڙائي جي شاعري ماحول ۾ تازگي جو ترانو، خوشيءَ جو نغمو، پيار جو گيت ٿي اڀري آهي. هر عاشق ۽ شائق جي زبان تي حزب الله ميهڙائي جي گيتن جو چرچو آهي. هن جي شاعري، هڪ طلاطم ۽ پونچال آندو آهي. شاعري جي دنيا ۾ خاموشي جي مُهر کي ٽوڙي محبت جا گيت ڳائي وڄائي ڏيکاريا آهن. ان ڪري هر فنڪار هن جا ڪلام ڳائي مڃتا ماڻي آهي. حزب الله ميهڙائي جي شاعري نون فنڪارن کي متعارف ڪرائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. خاص ڪري هن ڪلام:

مان مجان ٿو شهر سنڌ جا سهڻا اٿئي،
سنڌي هيرا ۽ موتين جا داٽا اٿئي،
محبت ۾ منهنجا او يار!
ميهڙ پهريون نمبر اٿئي.

حزب الله ميهڙائي جي شاعري ۾ اڪثرين جي اوجاڳن جو ذڪر ملي ٿو ته ڊسمبر جهڙي ٿڌ به محسوس ٿئي ٿي. جڏهن هو گرمي سردي جي خوف کان بي نياز ٿي رڳو محبوب جي ديدار لاءِ رستي تي نڪري بيهي ٿو. اسان ته اڄ تائين اهو ڏسندا آيا آهيون ته پلوڙ شاعرن جي شاعري به سندن لاڏاڻي کان پوءِ فنڪارن ڳائي آهي. پر هن نومولد شاعر حزب الله ميهڙائي جي شاعري (20) ويهارو ڪن فنڪارن ڳائي آهي. اهو هن جي شاعري جو ڪمال آهي. 8 جون 2019ع تي ڪيس شديد هرٽ اٽيڪ ٿيو. ڪيس اين آءِ سِي وِي ڊِي لاڙڪاڻو ۾ داخل ڪيو ويو. جتي سندس اينجو پلاسٽڪ سرجري ٿي. اسان دوستن ۽ گهر جي ڀاتين ڪيس شاعري ڪرڻ کان روڪيو. تنهن هوندي به هن زندگي جي پرواهه نه ڪندي شاعري سان نينهن لاتو ۽ مسلسل شاعري ڪندو رهيو.

زندگي به اهڙي حسرتن جي ور چڙهي
محبت اسان جي نفرتن جي ور چڙهي
هميشه اها آس رهي آ ۽ رهندي
ڪنهن جي شل وجان هان چاهتن جي ور چڙهي

حزب الله ميهڙائي سان ٻيو مسئلو اهو آهي ته هن جا اکر ڪچا آهن. پوءِ ڪير ڪيس لکي فيئر ڪري ڏئي؟ ڪنهن کي هن شاعري جي سفر ۾ منٿ ميڙ ڪري؟ هن شاعري سان ٻچن وانگر پيار ڪندي پنهنجي نياڻي کي تيار ڪيو. ان کان شاعري لکائڻ ۽ فيئر ڪرائڻ شروع ڪيو. توڙي جو سندس زوجه محترمه جيڪا هڪ گهريلو خاتون آهي ڪيس منٿ ڪئي نياڻي کان اهڙا ٻول نه لکراءِ! پر هن ان جي پرواهه ڪانه ڪئي ۽ پنهنجي خيالات جو ڀرپور انداز ۾ اظهار ڪندو رهيو. جيڪي اوهان جي هٿن ۾ آهن. حزب الله ميهڙائي سنڌي متروڪ لفظن کي شاعري ۾ ڪتب آڻي ڪين مضبوط پناهه گاهه بخشي آهي. مثال طور: گاگڙو يعني اهو وڏو چڄ جيڪو اَن جي راهَ کي وائرڻ ۽ صاف ڪرڻ ۾ ڪم ايندو آهي. ڏُڏُ جنهن کي شهرن ۾ ڏهي، ڏونئرو، اجان به دهي چون. پر حزب الله ميهڙائي ان کي ڏڏ ئي چوي ٿو

گاگڙي ۾ جوئر جا سنگ اُس تي،
سُڪائي ٿي، هوريان هوءَ ڳالهائي پئي،
پاڻ پنهنجي ٻانهن سان پاڻ کي،
لِڪائي پئي، هوريان هوءَ ڳالهائي پئي.

حزب الله ميهڙائي جي شاعري ۾ بهترين معنیٰ خيز غزل، پيار جا گيت، خوبصورت وايون ۽ چاهتي چوسٽا چمڪي رهيا آهن، جن ۾ سنڌ دشمن کي للڪار به آهي ته داٻا

ٻہ، سماج دشمنن سان مهاڏو ٻہ آهي تہ سنڌ جي سڄڻن سان نياءُ ٻہ. سندس شاعري سولي، سادي ۽ عام فهم آهي. هن جي جنم يومي ڪاڇو آهي. جتي هن جي آتما ڦيرا ڏئي وجي ٿي ۽ اتان جا احوال ڪيس ننڊ ۾ يا سجاڳ ۾ پهچائي ٿي.

ڏسي لاڪو تڪيو پنهنجو، اڄ منهنجو روح تڙپيو،
جتي ڇم ڇم ڇيرين ۾، تون پاٽي پريندي آن.

حزب الله ميهڙائي جا ڪي ڪي گهاٽيتا ڪن پل لاءِ ڦُل اسٽاپ ڏئي ڇڏن ٿا. هوش حواس سنڀالي اڳتي وڌڻو پوي ٿو. اهي لفظ هن تي ڪٿان منڪشف ٿيا، هي مقولہ پوءِ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ " شاعري پيغمبري جو جزو آهي". بهرحال بناوڏاءَ جي حزب الله ميهڙائي جي خيالن، جذبن، اُڌمن، چاهتن ۽ وسعتن جي ميجتا ڪان مُنهن موڙي نہ ٿو سگهجي. دعا آهي تہ الله تعاليٰ ڪيس ججهي ڄمار ڏئي، جيئن اجان وڏيڪ پنهنجي خواهشن، اميدن، تمنائن ۽ آدرشن کي اکين سان پسي سگهي.

تنهنجي نخرن تي جهومي زمين آسمان
سونهن تنهنجي جي آڌو آ ڪينجهر ڪٽي
ڏس بهارون ٻہ آيون وري سانوري
پائي گهونگهٽ گج آءُ ڇُنري ڪٽي

حبيب حضوري ميهڙ

17 جون 2022ع

سپ ۾ پرين او پاڻ الله هو

سپ ۾ پرين او پاڻ الله هو
هرڪنهن جي رڳي جاڻ الله هو

آهي هر جاءِ حاضر ناظر
ڪڏي نہ ڪنهن جي ڪاڻ الله هو

هرڪنهن جا ٿو سڏڙا ٻڌي
ڪنهن کي نہ ڪٽي ساڻ الله هو

خود خدا چيو قرآن جي اندر
ونحن اقرب پاڻ الله هو

چوڻو ملان تون ڳالهہ لڪائين
رب تہ سپ سان ساڻ الله هو

سجدو عبادت هڪڙي رب جي
قل هو الله ۾ جاڻ الله هو

چوي حزب الله ڏيرو آهيان خلقيل
ڪنٽي ناهي ڪاڻ الله هو

محبوب محمد جاسپ يارسپ سچا هن

محبوب محمد جا سپ يارسپ سچا هن
صدقو وڃان مان سهڻا دلدار سپ سچا هن

صديق جي صداقت فاروق جي عدالت
ملڪن ۾ گونججي پئي عثمان جي سخاوت
دلبر جا هي پيارا پڳدار سپ سچا هن
محبوب محمد جا سپ يار سپ سچا هن

حيدر جو شان ڳايان دنيا کي پيو ٻڌايان
محبوب جا هي ساٿي دلبر مان ڪيئن وساريان
ڳائي مان کهڙا ڳايان هنيانءَ نار سپ سچا هن
محبوب محمد جا سپ يار سپ سچا هن

چارئين چوڌاري چمڪن چوڏهين جي چنڊ وانگر
مدنيءَ سان ملندا آهن سيني سان لائي پاڪر
شڪر ڪيان تو رب جو مننار سپ سچا هن
محبوب محمد جا سپ يار سپ سچا هن

صلوات خود خدا پڙهي آقا مٿان الله
ملندو چوٽڪارو رب ڪندو ڏيرا او حزب الله
امت نبيءَ جا پيارا نروار سپ سچا هن
محبوب محمد جا سپ يار سپ سچا هن

اڄ تو کي روضهٔ اطهر جي چانئٺ چمايان

اڄ توکي مدينو گهمايان
الا اڄ توکي مدينو گهمايان
او روضئهاطهر جي چانئٺ چمايان
الا روضئهاطهر جي چانئٺ چمايان

هل مونسان هاٽي جو هاٽي
مٿان چئين پوءِ اڄ نہ سياٽي
اڄ توکي مدينو گهمايان
او روضئهاطهر جي چانئٺ چمايان

مدينو منور ڏسي دلبر
دعائون وينا گهرئون هر هر
اڄ توکي مدينو گهمايان
او روضئهاطهر جي چانئٺ چمايان

سهڻي آقا جي گهر جي مان سامهون
امان جيجل جي در جي مان سامهون
اڄ توکي مدينو گهمايان
او روضئهاطهر جي چانئٺ چمايان

حزب الله ڏيرو آهي سوالي
پريندو جهولي مديني جو والي
اڄ توکي مدينو گهمايان
او روضئهاطهر جي چانئٺ چمايان

پڙهو سيئي صلواتون

منهنجو مدني مديني وارو
سڄي امت ڪي آ پيارو
سهڻو روضئهاطهر وارو
پڙهو سيئي صلواتون
پڙهو سيئي صلواتون

جنهن جو پينگهو پاڻ لڏي پيو
روئي ٽڙ بہ سڏڪا پري پيو
ڏسي اُٺ بہ دانهون ڪري پيو
پڙهو سيئي صلواتون
پڙهو سيئي صلواتون

امان دائي حليما هلي آ
سهڻي آقا ساڻ ملي آ
ڏاڍو خوش ٿي پوءِ ڪلي آ
پڙهو سيئي صلواتون
پڙهو سيئي صلواتون

حزب الله سڪ ۾ سِڪي ٿو
هي ڏيرو عرض ڪري ٿو
رڳو ٿڏڙا ساهہ پري ٿو
پڙهو سيئي صلواتون
پڙهو سيئي صلواتون

خدا جي خلق جي خدمت حقيقت ۾ عبادت آ(غزل)

خدا جي خلق جي خدمت حقيقت ۾ عبادت آ
ڪئي جن بہ چڱائي آ ملي تن ڪي بشارت آ

زخمن تي رکي مرهم روئندن کي آ کلايو جن
ڌرتيءَ تي اهڙن ماڻهن جي دلبر ضرورت آ

منهنجو مالڪ وڏائيندو روزي ان جي رازق آ
پيار ڪري ڏئي محبت مِٽائي جن بہ نفرت آ

غريبن جي لڏائون سار يتيمن ساڻ ڪيائون پيار
اگهائيندو منهنجو مولا سخيءَ جي سخاوت آ

قل هو الله احد الله مڃيو جن بہ هڪ الله
ڦِريو جيڪو هاڻي ان کان اها رب سان بغاوت آ

ڌٽيءَ جي پاڪ ڌرتيءَ تي محبت سان رهيا جيڪي
چوي حزب الله ڏيرو ميهڙائي رب جي عنايت آ

خدا جي خدائي جا عجب رنگ آهن

خدا جي خدائي جا عجب رنگ آهن
ڪو لَکن سان ٿو ڪيڏي ڪنهن جا اگهاڙا انگ آهن

ڪٿي معصوم ٻچڙو بي ڪفن ٿو ڏسان
ڪٿي بي ڏوهي نياڻي دفن ٿو ڏسان
ڪٿي ظالم ڪيا هٿ لهو رنگ آهن
خدا جي خدائي جا عجب رنگ آهن

ڪو ٿو ويلي لئہ واجهائي ٽِڪي آٽي ڪو
ڪوٺو سکي ڪپائي ڏسي پاڻ پيو
ڪنهن جي فصلن جا چورن وڍيا سنگ آهن
خدا جي خدائي جا عجب رنگ آهن

هتي چور ساڳيا اسان ياڳيا ٻُڌاسين
اسان سوچي سوچي اچا ٿي وياسين
واهه ڙي واهه زمانا تنهنجا ڍنگ آهن
خدا جي خدائي جا عجب رنگ آهن

ڪي سجو ڏينهن لوڙن ڏيرا پيٽ لاءِ
ڪي پٿر بہ ٽوڙن حزب الله پيٽ لاءِ
ڪي نشي ۾ سجو ڏينهن ڪيا پينگ آهن
خدا جي خدائي جا عجب رنگ آهن

اسان عشق جا ير موالي بہ ناهيون

اسان عشق جا ير موالي بہ ناهيون
اسان ايڏا دلبر حوالي بہ ناهيون

ڪڏهن چيو آ مسجد جا ڪک آهيون
اسان ٻڌندا دلبر قوالي بہ ناهيون

گلابن جي جهولي جهليون بيٺي آهي
اسان انهي در جا سوالي بہ ناهيون

شرابن جا مٽڪا اسان ڪي ڪپن
اسان پاڻ پيئندا پيالي بہ ناهيون

اسان سنڌ تي سرڙو سدائين ڏنو آ
وساريندا جيجل جي ٻولي بہ ناهيون

جيڪو ڪائي سنڌ جو ۽ ڳائي ٻين جو
انهيءِ سان ٿيندا هم ڪلامي بہ ناهيون

يٿائيءَ جي سنڌڙيءَ جا خادم هون ڏيرا
ڪندا ٻئي جي حزب الله غلامي بہ ناهيون

اڪيون

اڪيون اجاريون اڪيون بڪاريون
اڪيون ويچاريون ٻه ٽينديون آهن

اڪين ۾ ڪجل جي پائين او سهڻا
اڪيون قهاريون ٻه ٽينديون آهن

اڪيون وسن ايئن ڪڪر وسن جيئن
اڪيون جهڙاليون ٻه ٽينديون آهن

اڪيون دلبر جون ڏسي نماڻيون
قضا نمازون ٻه ٽينديون آهن

ٻڌو آ ڏيري مان حزب الله ڪان
اڪين سان آزيون ٻه ٽينديون آهن

☆ ☆ ☆

وات ويندي ڏوڙ تي وئي
خيال ۾ جڻ هو واچوڙو
سگريٽ دڪائي مون ڏنو
ويو پيار جو پوپٽ اڏي

توکي پنهنجي نانءَ واري منڊي پارائي

تنهنجي هٿن تي ميندي ميهڙ جي لائي
توکي پنهنجي نانءَ واري منڊي پارائي
آيو ونڻ آهيان جاني توکي ونڻ آهيان

چاچا ماما ساڻ ڪري مان
ڏس ڏماڪن ساڻ پڳو هان
متان نه مونکي مجين او سائين
آيو ملڻ مان آهيان توسان
تنهنجي در تي منا دهل وڄائي
توکي پنهنجي نانءَ واري منڊي پارائي

گڏجي توسان سيج تي ويهندم
تنهنجو سهڻو چهرو چمندم
پنهنجو ڏئي هٿ هٿ ۾ توکي
وٺي او جاني پاڻ سان ويندم
دير هاڻي سهڻا سائين ڪرڻي ناهي
توکي پنهنجي نانءَ واري منڊي پارائي

حزب الله ڏيرو ميهڙائي
چوي گهڙي آ خوشيءَ جي آئي
منهنجي سر ۾ گهر جا مالڪ
رب آ منهنجي آس پڄائي
گيت گانا سهرا لاڏا اچ مان ڳائي
توکي پنهنجي نانءَ واري منڊي پارائي

منهنجي هئي تمنا اها هڪڙي منڙا

منهنجي هئي تمنا اها هڪڙي منڙا
ڏسان چهرو تنهنجو چُمان تنهنجا هٿڙا

شڪر آهي رب جو او دلدار مان
ڪيان روز تنهنجو ٿو ديدار مان

ملي روح کي ٿي وجي يار راحت
جيئڻ لاءِ ٻي ڪنهن جي ناهي ضرورت

تنهنجي محبتن مون کي رونق آ بخشي
ختم درد مون تان ڪئي آ سختي

چوي حزب الله هاڻي وٺندي آ دنيا
آهين ساڻ ساٿي سُکيو ٿو مان جيئان

منهنجي هئي تمنا اها هڪڙي منڙا
ڏسان چهرو تنهنجو چُمان تنهنجا هٿڙا

جڳ اندر

غريب کان امير ٿيو قبول آ جڳ اندر
اڄ ڪلھ بٽيو هي پيار جو اصول آهي جڳ اندر

هيٺي کان گهر جا پاتي بہ بيزار ٿيا
چوندا وتن هي جيئرو فضول آهي جڳ اندر

غيرت کپائي ڏيھ ۾ پائي شرافت جو وڳو
بدڪار عزت وارو ٿيو مقبول آ جڳ اندر

وئي عاشقن مان عاشقي محبوب بي صبرا ٿيا
دل کي پيڄڻ پورڻ ٿيو معمول آهي جڳ اندر

هينائين تي پاٽي جيئن ايندو آ تڏهن ٿو چوان
ڪمزور لئي ناهيو ويو هي رول آهي جڳ اندر

آ دور ساڳيو حزب الله ساڳيا هي سج چنڊ تاراهن
ڏيرا چو هرڪو پنهنجي مُنهن مشغول آ جڳ اندر

ميهڙ تي شاعري

مان مڃان ٿو شهر سنڌ جا سهڻا اٿئي
سنڌي هيرا ۽ موتين جا داٽا اٿئي
محبت ۾ منهنجي او يار
ميهڙ پهريون نمبر اٿئي

اڄ هڪ پيرو يار ميهڙ اٿئي دلدار
ڪونہ سگهندين وساري ايڏا ڏيندا تو کي پيار
چاهت ۾ منهنجي او يار
ميهڙ پهريون نمبر اٿئي

سهڻي ميهڙ جي تو کي شاهي بازار گهمايان
وني ميندي ڏيان تو کي ۽ مائو بہ ڪارايان
ميندي مائي ۾ او يار
ميهڙ پهريون نمبر اٿئي

چوي حزب الله ڏيرو دعا هوٽل تي هلي
ڪائي ٽِڪا ۽ ڪڙهائي چانهہ پيئبي پلي
سُني سنگت ۾ او يار
ميهڙ پهريون نمبر اٿئي

ٿيا ختم حوصلا

جيئن ڇڏي وئين پرين ٿيا ختم حوصلا
پل بہ ناهيان سُتو سُور هن فاصلا

يادگيريون تنهنجون منهنجي اڃي سوچ ۾
ايئن ڏونٽڻ پيون جيئن اچن زلزلا

ڪيڏيون مون سان وفا جون ڳالهيون ڪيئي
واهہ جو تون وفا جا ڏئي وئين صلا

وڃ ملي تون مون سان منهنجي دل تي چوي
ڏيرا ٿيو آن پڪو ڇا جي لئي حزب الله



هلي آ گهمايان مان توکي گهٽيون مان ڳوٺ جون
پنهنجا ويران گهرڙا پٽيون مان ڳوٺ جون
جنهن ٻير هينان ڏيرا ويهندا هئاسين ٻئي
هاڻي چو ٿي ويون هن نفرتون ڇوٺ جون

اچن ياد مون کي ٿيون تنهنجون وفائون

نشيليون نگاهون قاتل ادائون
اهي زلف يميا سانوڻ گهٽائون

ڳلڙا گلابي ٻُڏل چاشنيءَ ۾
پرين چاهتن جون ٻُڌ هي صدائون

ٿر جي او ناري وسي مينهن ڪڻ ڪڻ
ڪارونجهر جبل تي لٽيون سهٽي لائون

هر ڪنهن کي دل ڏبي يار ناهي
محبت جون آهن راهون جدائون

منجهند ٿاڪ جو ڏس ڪِنوڻ جون تَجليون
حسينن جي ٽولن ۾ خدا جون خدايون

ڪري ياد تو کي تو ڏيرو حزب الله پيو
اچن ياد مون کي ٿيون تنهنجون وفائون

منهنجي مالڪ جو ته ڪمال ڏسو

ڪيڏو مالڪ ناهيو آ سهڻو صنم منهنجي مالڪ جو ته ڪمال ڏسو
اهي زلف لڙهيون لب لال پرين اکيون ڪجل بنا بي مثال ڏسو

پيو ميخاني ۾ مينهن وسي سڀ جام پياهِن اڄ ڇُلڪي
ڏسي جادوگر جي جلواگيري ڪِري هٿ مان پيو آ رومال ڏسو

اها ڳالهه هلي وئي جاتي ڪاٿي ويا ميخانن کي تالا لڳي
الائي ڪاڏهن آيو آ اهڙو صنم هڪ ٻئي کي چون پيا جمال ڏسو

تاريخ جو ڏينهن جو چنڊ ڏسي محبوب آيو آ ڏاڍو نهي
ويو چنڊ ٻه آهي اڄ ئي لهي چنڊ چوڏهين جو ته زوال ڏسو

وئي زندگي منهنجي اڏ گذري جانيءَ کي ڏسي جانيءَ کي ڏسي
چوي حزب الله ڏيرو ميهڙائي مصور جو ته خيال ڏسو



يادگيرين جي ور چڙهي وياسين
زندگيءَ تان ٻه هٿ کڻي وياسين
پيار پتنگ جيئان اڏامي ويو
پن پن ٿي اسان ڇڻي وياسين

تون ۽ مان

سنڌو جو ڪنارو تون ۽ مان
ڪينجهر جو نظارو تون ۽ مان

مُرڪون تنهنجون ماڪيءَ لارون
اکڙين جو اشارو تون ۽ مان

بي درد زمانو بي خوف خزائون
هڪ ٻئي جو سهارو تون ۽ مان

نيڻ نشيلا زلف قنديلا هائي جواني
سيارو ٻه اونهارو تون ۽ مان

سنڌ جي ڌرتي ڪيت اسان جا
ٻنيون ٻارو تون ۽ مان

هٿڙن تي ميندي پيرن ۾ پايل
ڪٽڪن جو لابارو تون ۽ مان

چوي حزب الله ڏيرو وينو ميهڙائي
مينهن جو وسڪارو تون ۽ مان

ٿا چاهيون

ٻُڌو ڪجهه اسان ٻه ٻُڌائڻ ٿا چاهيون
اوهان کي اوهان ڪان چورائڻ ٿا چاهيون

ڏسبو ڇا هي ممڪن ڀلا ٿي سگهي ٿو
اگر روح سان جي رلائڻ ٿا چاهيون

سوچن، امنگن ۽ جذبن ۾ پنهنجي
جيئڻ رت رڳن ۾ ڳڏائڻ ٿا چاهيون

وئي آ رُسي ڪافي عرصو ٿيو آ
اها مُرڪ مُنهن تي سَجائڻ ٿا چاهيون

مون سينگار ڪم ڪار آهن وساريا
ڪڏي سينڌ سُرما ڪي پائڻ ٿا چاهيون

چوي حزب الله لوڪ ڏيرا ڪليو آ
لڳو سيني تن کي جلائڻ ٿا چاهيون

سنڌ پنهنجي آهي امان

سنڌ پنهنجي آهي امان
ٻُڌ ڪَن ڪولي چا پيو چوان

آيو آهين مهمان تون ٿي
سوچ ٻه ڪر ويندين زيان تون ٿي
ڇڏ تون اها تيري ميري
ٻُڌ ڪن ڪولي مان چا پيو چوان
سنڌ پنهنجي آهي امان

پنهنجي وساري اوقات وينين
هاڻي نه گهر جو نه گهاٽ جو ٿئين
ڪراچيءَ ڪي ڏار چوڻ وارا
ٻُڌ ڪن ڪولي مان چا پيو چوان
سنڌ پنهنجي آهي امان

حزب الله چئي ميهڙ وارو
هر سنڌي هي هٽي نعرو
گهور ڪندو گهر سِر پنهنجو
ٻُڌ ڪن ڪولي مان چا پيو چوان
سنڌ پنهنجي آهي امان

مليو درد آهي مون کي

مليو درد آهي مون کي ٻي درد جي ڳلي ۾
وئي دل ٻه يار جهپجي هن سوز هن ٿلي ۾

محبوب جي شهر جي مٿي جو يار جاتي
اجڙي ويس ائين مان وٽي ٿو نه سنگتي ساٿي
ويو ياد مان هان اڙجي ناهي سوچ ٻي پلي ۾

رب کان گهريم دعا هي جاني ملاءِ مون کي
سڏڪا پريان ٿو ننڊ ۾ ايئن نه جلاءِ مون کي
نادان دل پئي قاسي نڪ جي ڦُلي ۾

آهي حزب الله ڏيرو تنهنجو پرين ديوانو
ڇڏ هاڻي تون رُسڻ جي چيو هن کي ڇڏ ٻهانو
تصوير تنهنجي پيارا دائم آ دل جلِيءَ ۾

☆ ☆ ☆

روشني جا ڏيئا ٻاريو
شهر ٿو اونداهو لڳي
جي انسان ۾ شعور اچي
پو ڏسئون ڪير ٿو نڳي

ڪيون جاني اهڙو سينگار ويو

ڪيون اهڙو سڌو هڪ وار ويو
ڪيون جاني اهڙو سينگار ويو

اکيون سهڻيون سهڻيون چپڙا گلابي
وڳو پاتو دلبر لڳي ٿو نوابي
پايون چلڙا مُنديون ۽ هار ويو

الائي ته ڪهڙي سينٽ هڻي ٿو
جڳ هڪ پل ۾ مهڪي پوي ٿو
ڪيون خوشبو جي هٻڪار ويو

ڏسي پنهنجو دلبر مان خوش ٿي پيو هان
حزب الله نئين سِر مان وري جِي پيو هان
ڪيون وار وار کان ڏيرا ڌار ويو

☆ ☆ ☆

ختم ڪيو خدارا قبائلي جهيڙا هاڻي
تباهه ٿي ويا ويڙهن جا ويڙها هاڻي
ڪڏهن سنڌ لئه گڏجي سوچيو ڏيرا
مري ڪيئي ويا نوجوان پوڙها هاڻي

هونءَ ته مٿي جو نهيل آهيان ٻُڌ

هونءَ ته مٿي جو نهيل آهيان ٻُڌ
ڏارين لئي زهر آهيان ٻُڌ

هوشو هيمون جو رت آ مون ۾
جي ڪڙڪي پوان ته قهر آهيان ٻُڌ

تپندي تپندي تپي پوان جي
تڙ جي ڪوسي لهر آهيان ٻُڌ

رني ڪوٽ ۽ مڪلي مون ۾
موهن جو دڙو شهر آهيان ٻُڌ

چوي حزب الله ڏيرو ميهڙائي
سمنڊ درياءُ بحر آهيان ٻُڌ

☆ ☆ ☆

پاڻي ناهي ٽيپو هڪڙو
سڄي سنڌ سڪي پئي
تون ٻه ڏسين پيو
ووٽن لاءِ ايندو آن تڪڙو

پڇن پيا

اجان رات ڪاري آ تارا پڇن پيا
نياڻين جي نيڻن جا چارا پڇن پيا

اهي سڀ ڳالهيون سانديون وتئون تا
متان مَور مارين ويچارا پڇن پيا

ڪيئي رستا وياهن اڄ يار يُلجي
اهي دڳ چارا اجارا پڇن پيا

اسان جي محبت گهٽي اڄ بہ ناهي
اسان ڪان سيئي سنڌ وارا پڇن پيا

هيمونءَ جي جذبن جو مون کي قسم آ
سوليءَ تي هڪ ٻئي کان ڳارا پڇن پيا

ٻُڍي چڌ او ڏيرا ميهڙائي مون کان
هٽي هاٽي حزب الله نعرا پڇن پيا

وڏي ڀاڳن وارو آهيان

تنهنجون ڪهڙيون ڪيان ڳالهيون سُونهن تو کان پوءِ آهي ختم
وڏي ڀاڳن وارو آهيان مليو مون کي تون آهين صنم

زلف تنهنجا گهٽا ڪاري چنڊ جهڙو چٽو چهرو
اکڙيون ٿئي عقاب جيان چپ تي تر جو آ پهرو
ڏاڍا مون کي وڻن سهڻا ڳل گلابي هي تنهنجا نرم

دل چوندي آهي منهنجي وقت اي ڪاش رڪجي وڃي
منهنجي ويٺو هجين سامهون سِڪ تو مان نہ گهٽجي وڃي
منهنجو تو لاءِ تنهنجو مون لاءِ ٿئي هر هر جنم

حزب الله هي چوي ڏيرو صرف تون آن منهنجي زندگي
تو سواءِ آ اڌوري پرين هر خوشي ۽ منهنجي بندگي
آس آهي وڃي منهنجو تنهنجي پاڪر ۾ نِڪري هي دم



تنهنجي نازن سان آ نينهن منهنجو
ٿي رات چاندوڪي بہ آ ڏينهن تنهنجو
پئي ڪڪر اپريا اڄ شام تائين
ٿي رات وسيو آ مينهن تنهنجو

هڪ پل بہ نہ ڇڏي آ سُورن پچر اسان جي

هڪ پل بہ نہ ڇڏي آ سُورن پچر اسان جي
اهڙي هُنن ڪئي آ زندگي زهر اسان جي
تڙپون لُڇون ٿا هر دم اهڙو وڪوڙي ويا غم
جي تون اچين اگهڻ تي وڌي پئي نظر اسان جي

هي سُور سهڻ دل تي هوندي مذاق ناهي
روئڻ سان راند هوندي چوويهہ ڪلاڪ آهي
خوشيون نہ راس آيون ٿي ويون ايئن جدايون
لڏي تو بہ سار ناهي دلبر مگر اسان جي

اکڙيون اداس آهن تو کي ڏسڻ ٿيون چاهن
گهڻو وقت ويو آ گذري تو سان ملڻ ٿيون چاهن
ڪري ياد تو کي هر دم روئن ٿيون يار هڪدم
ٿي وئي حياتي آهي سهڻا پٿر اسان جي

او حزب الله ڏيرا اجڙي ايئن ويو هان
سانڍڻ ڏکيو ٿي پيو آ وکري ايئن ويو هان
شيشو ڪري پٿر تي ٽيندو آ چُور جيئن
هر هڪ ايئن تمنا ٿي آ ٽڪر اسان جي

آهي آزمايل آزمائي ڏسان ٿو

آهي آزمايل آزمائي ڏسان ٿو
دغاباز سان دل لڳائي ڏسان ٿو

ڏنائين پهريان زخم ڪو نہ ڇُٽاهن اڄ بہ
الائي ڇا جي ڪري مون کي مناهن اڄ بہ
آهيان عادي ٿي ويو مان تہ هن جي ظلمن جو
ڪوڙي واعدن ۽ هن جي يار ڪوڙي قسمن جو
وري چريو چريو سڏائي ڏسان ٿو

جتي آ باهہ ٻرندي هنڌ اهو ئي سڙندو آ
ها مگر پرواني کي ڪوئي ڪجهہ نہ چوندو آ
هونءَ بہ زندگي هي زندگي کهڙي ڪم جي
ملي جا خاڪ تي سا آ خوشي کهڙي ڪم جي
مگر پاڻ کي مان جلائي ڏسان ٿو

ڏيرو ڇئي هڙ وڃائي يار هونئن بہ وينو هان
حزب الله کيان ٿو روز اها ڪوشش مان
ماري ڇڏيان ڪڏهن نہ پيار مون کي هو ڏيندو
منهنجي دنيا تہ وئي هاٽي منهنجو سِر بہ ويندو
پاڻ سنگدل کان مارائي ڏسان ٿو

نہ ٿو ڪجھ ڀيو ڪپي

تون ساڻ جو مون سان آهين مون کي يار نہ ٿو ڪجھ ڀيو ڪپي
سنڌ جو قسم آ مون کي او دلدار نہ ٿو ڪجھ ڀيو ڪپي

صبح شام صنم بس تو کي ڏسان گهران پيو مان دعا آهي پوري ٿي وئي
ٻُڌي رب منهنجي ملي آ تنهنجي محبت هي صدا آهي پوري ٿي وئي
ڪافي آهي تو کان مليو جو پيار نہ ٿو ڪجھ ڀيو ڪپي

هوندي ڪو نہ هئي ننڊ نيڻن کي مون کان دور هئين منهنجا جاني
تنهنجي جان هيم پريشان هيم ڏاڍو تو لئي رُني دل ديواني
دل کي ملي ويو ڏاڍو آهي قرار نہ ٿو ڪجھ ڀيو ڪپي

حزب الله مان ميهڙ ۾ چوان منهنجا ڏيرا وياهِن ياڳَ کُلي
پنهنجو جوڙ ڏسي خوش سڄڻ ٿيا ويا ساڙ سڙين جا جيرا جلي
چوندو آهيان چوندس پئي هر وار نہ ٿو ڪجھ ڀيو ڪپي

☆ ☆ ☆

اسان تنهنجا ٻانها تون مالڪ آن سائين
اسان تنهنجي در تي دعائن لئہ آيا آهيون
بخشي ڇڏ مدايون اسان جون
تنهنجي هٿ ۾ آهي تون خالق آن سائين

تو کان تہ دشمن يار چڱا

تنهنجي ٻانهن کان ڪنڊن جا هار چڱا
تو کان تہ دشمن يار چڱا
پري رهي سهان تنهنجا آزار چڱا

کهڙي خبر هئي نانگ آ پاليو
ڪونہ اسان پنهنجو قدم سنڀاليو
پنهنجا ڪونہ ڪيئي ڪردار چڱا

ٻيهر اهڙي نہ غلطي ڪنداسين
ائين نہ ڪنهن کي دل ڏينداسين
بس اڪيلا اڪيلا آهيون ڏار چڱا

حزب الله چئي تو کي هي ڏيرو
مُنهن جو اڃو آهين اندر جو ميرو
سؤ ڀيرا تو کان آهن بيڪار چڱا

هليا آياسين

تنهنجي جلون جي ٻُڌي هاڪ هليا آياسين
پُڄائي تنهنجا پرين ٿاڪ هليا آياسين

وئي اکڙين مان رُسي ننڊ ڏسي راحت کي
جاڳي سڄي رات ڦٿي باک هليا آياسين

پيو اڇي جون جي گرميءَ ۾ ڊسمبر جو مزو
جهليو ماڻهن تي منجهند ٽاڪ هليا آياسين

آهيون وَس هاڻي اوهان جي ڪي جيئڻ وٽي
سنواريو يا ته ڪيو خاڪ هليا آياسين

رکي اميد ڏسڻ سان او ڏيرا حزب الله
ٿيندي بيمار دل هي چاڪ هليا آياسين

ڌرتي سنڌ سموري منهنجي

چڄ اکري مُهري منهنجي
غربي گيس ڪٿوري منهنجي

واڱڻ پيندي توري منهنجي
ڪاري ڪُندهي پوري منهنجي

ٻڙ ٻَڙ چا تي لاتي ٿئي
ٿانڪٽي مڇي ڪائڻ وارا

چوي حزب الله ڏيرو تو کي
هڪ پيرو نه هر پيرو تو کي

ڳالھ ٻُڌي ڇڏ پوري منهنجي
جام تماچي نوري منهنجي
ڌرتي سنڌ سموري منهنجي

گهمي گورک اچئون ۽ منڇر کي

موسم ڏاڍي پلي آ دلبر منهنجا هلِي آ
اڄ هٿ ۾ هٿ ملائي دشمن پنهنجا جلائي
هلي آ يار كينجهر تي گهمي گورک اچئون ۽ منڇر کي

كنداسين پاڻ ۾ سُنيون ڳالهيون منا محبت پريون منيون ڳالهيون
ڏناهِن گهاوَ جدائي گهرا توڙي تون آءُ جي اٿئي پَهرا
ٻٽايون باغ دل جي هن تر کي گهمي گورک اچئون ۽ منڇر کي

آهي مهراڻ جيئان موجن ۾ منهنجو هي مَن آ مست سوچن ۾
تنهنجي ديدار جي ضرورت آ تنهنجي ئي پيار جي ضرورت آ
ڏسان تو بينو تنهنجي ئي در کي گهمي گورک اچئون ۽ منڇر کي

وڃائي وقت متان ويهي رهين ڏيرا حزب الله متان پوءِ چوين
ڏسان سنڌ ساري منهنجي حسرت هئي اهڙي موسم چو جلد گذري وئي
ڪچو ڪاڇو گهمان ڪارونجهر کي گهمي گورک اچئون ۽ منڇر کي

پلي آ

بختاور ۽ مومل جي ماڙي پلي آ
وڃندي ڪو نه هڪ هٽ سان تاڙي پلي آ

سؤ سال زندگي گدڙ جي کان بهتر
هڪ ڏينهن جي زندگي شينهن واري پلي آ

شهپر وٽي جيڪو گهمي روڊ پيو تو
جندو مائي انهيءَ کان نه نياٽي پلي آ

پنهنجي سنڌي ٻولي ڪلچر تان صدقي
اجرڪ ٽوپي کهاڙي پلي آ

وطن پنهنجو خوشحال رهي سدائين
سر سبز سنڌ اسان جي ساري پلي آ

جدوجهد جاري آ ڏيرا حزب الله
جوان جي اڳياڙي ۽ پڇاڙي پلي آ

مُرڪي ڏنئي هٿن سان مون کي گلاب جاني

سهڻن ۾ منهنجو پياروچڻ هو نواب جاني
مُرڪي ڏنئي هٿن سان مون کي گلاب جاني

اکڙيون عقاب جهڙيون چهرو تو چنڊ جهڙو
ڌرتيءَ تي اهڙو ماڻهو اڳ مون ڏٺو نه اهڙو
مدهوش تي ويس مان هيو بي نقاب جاني

اهڙي مني هئي ٻولي ماڪيءَ جي جاءِ ناهي
دل هي چوي پئي منهنجو جاني پيو ڳالهائي
محبت ۾ ڪو نه مون سان ڪري ٿو حساب جاني

ڏيرو چئي حزب الله مون سان ملايو مولا
تنهائيون دور تي ويون مون کي هُئي جنهن جي ڳولها
زندگي ڪري ڇڏي ٿئين لاجواب جاني

پيار محبت جا هي سپنا ڏسندي لوڙهي وئين

ڪنهن جي چوڻ تي سهڻا منهنجي دل کي ٽوڙي وئين
بينل پاڻيءَ ۾ تون مون کي سهڻا ٻوڙي وئين

تو ڪيا واعدا مون سان پيار نڀائڻ جا
گڏ هلڻ گڏجي گهمڻ هڪ ٻئي کي ڪلائڻ جا
واه جا ڪيئي واعدا پورا رڻ ۾ رلائڻ جا
پيار محبت جا هي سپنا ڏسندي لوڙهي وئين

منهنجي اکين جي آڏو وچ تون هاڻي يار ٽري
جڻ جيئري منهنجي لاءِ ويو آهين تون مري
منهنجي تو سان محبت ٽيندي هاڻي ڪونه وري
منهنجي اندر ۾ نفرتن جا خنجر ڪوڙي وئين

ڏيري حزب الله سان تو کي پيار نه ڪرڻو هو
واعدا وفا جا اظهار نه ڪرڻو هو
پيار ڪري پوءِ ايئن مون تي وار نه ڪرڻو هو
محبت واري ڏور جون ڳنڍيون تون ڇوڙي وئين

وينو تنهنجو ڪيان مان ديدار سهڻي

تون آن سهڻي صفا زور جيئن ڪارونجهر تي مور
تنهنجي اک جاني ڪاري جيئن تيز ڪا ڪٽاري
ڪري سورهن هي سينگار جو تي تيار سهڻي
وينو تنهنجو ڪيان مان ديدار سهڻي

ڏسي چپن جي لالاڻ آئي باغن ۾ سرهاڻ
تو آ پاتو جوڙو سائو تنهنجي کهڙي ڪيان واکاڻ
وري هيرن جا پاتا اٿئي هار سهڻي
وينو تنهنجو ڪيان مان ديدار سهڻي

چوڙيون ٻانهن ۾ پائي پنهنجو پاڻ کي سجائي
پنهنجي هٿن تي او پياري گل ميندي جا ناهي
تنهنجي مُرڪڻ واري آ نهار سهڻي
وينو تنهنجو ڪيان مان ديدار سهڻي

ڏسي حزب الله ڏيرو ٿيو چريو آ مستانو
سچي دنيا کان رهي تو تنهنجي ڪري بيگانو
ڪيو نينهن ۾ تو آ گرفتار سهڻي
وينو تنهنجو ڪيان مان ديدار سهڻي

ڌرتيءَ جا غدار ٻُڌي ڇڏ

ڌرتيءَ جا غدار ٻُڌي ڇڏ
ڪوڙا دعويدار ٻُڌي ڇڏ
پڳڙي تنهنجي لاهينداسين
صفا ڌارون ڌار ٻُڌي ڇڏ

سنڌ آ ڪراچي سنڌ ئي رهندي
سنڌين جي جند آ جند ئي رهندي
سنڌ ڪپائيندين پادر ڪائيندين
بيٺ ڦبائيندين پادر ڪائيندين
نعرا اڄ نروار ٻُڌي ڇڏ

سنڌ سان سچو ڪو نہ تون ٿيندين
حلالي ٻچو ڪونہ تون ٿيندين
سنڌ سنڌين جي آهي اصل کان
تنهنجو نسل بيڪار اصل کان
ڪونہ ڏينداسين پندار ٻُڌي ڇڏ

ڏنگي بيٺ جا رکوالا آهيون
جيجل سنڌ جا جيالا آهيون
پوئتي پير نہ هاٽي هٽندو
ڏيرو حزب الله آهي چوندو
ڪن ڪولي پوتار ٻُڌي ڇڏ

محفل مان ويو هليو ديوانو موڪلائي

محفل مان ويو هليو ديوانو موڪلائي
شمع کان ڪنهن پڇيو چيئين ويو پروانو موڪلائي

محفل بہ هئي اڌوري ميخانو بند ٿي ويو
ساقي کان ڪنهن پُڇيو چيئين ويو مستانو موڪلائي

بيٺي جو سيڪو آهي ڪِريي جو ڪير ناهي
ڏاهي کان ڪنهن پُڇيو چيئين ويو رازدانو موڪلائي

اڄ چور ڪٽڻ تا پيرا او حزب الله ڏيرا
ڀاڳئي کان ڪنهن پُڇيو چيئين ويو نشانو موڪلائي

سُور حياتي منهنجيءَ سان تون جوڙي وئين

دل منهنجي دل منهنجي ڳيا ڪري تو کي ڇا مليو تو کي ڇا مليو
هي منهنجو جيءَ جلائي روح رنجائي ايڏو ايذائي تو کي هٿ آيو ڇاهي

منهنجي هيڏي چاهت جو احساس نہ ڪيئي
حيرت آهي مون تي ذري جڳ قياس نہ ٿيئي
مون کان نندڀڻ وارا ناتا ٽوڙي وئين
سُور حياتي منهنجيءَ سان تون جوڙي وئين

ڪونہ رُنو هوندس مان جيڏو روئاريو ٿئي
سنگدل مون کي جيئري ئي چو ماريو ٿئي
هڪڙا ڪونہ ڇُٽن تا ٻيا تون زخم ٿو ڏين
وَير رهيل ٿئي کهڙو جو تون ائين ٿو ڪرين

ڇئي حزب الله ڏيرو آهين دانهن ۾
روئندو وتان ٿو تو لئي هاٽي راهن ۾
پوءِ بہ ڇري هي دلڙي تو کي چاهي ٿي
مان ڇا ڪيان تو کي هي ڏاڍو ڀانئين ٿي

اتي جهل پير ويندين تباھ ٿي

اتي جهل پير ويندين تباھ ٿي
اهو ماڻهو پراڻو پنجاھ ٿئي
ڏسڻ جو بس هي سچو ٿئي

چو مٿي ۾ اٿئي سُور بين کي وِڌو
تون ڪندين وس نہ تو سان هي هلندو سِڌو

تو کي سمجهايان چا ٻار تون تہ ناهين
زندگي پر جو آزار چو پيو چاهين

حزب الله جو هي آزمايل اٿئي
ڏيرو ان جو تہ ڏاڍو ڏکايل اٿئي

☆ ☆ ☆

رات پٽائي سيد کان پُڇي پيو
سنڌي قوم ۾ شعور اچي پيو
حقن خاطر آهن اٿيا
سچل سامي ڳالھ ڪري پيو

سِڪ تنهنجي سڄڻ پئي ٿي ساري

سِڪ تنهنجي سڄڻ پئي ٿي ساري
آڌيءَ رات جو دلبر اٿاري

ننڊ کو نہ اچي ٿي پئي مون کي
ڪري ياد سڄڻ پئي ٿي تو کي
ڪري سڏڪا ٿي دلڙي پڪاري

اُسُر ويل ڏسي تنهنجا فوٽو
فيس بڪ هلائي ڏٺا مون
تنهنجا فوٽو چڏياتم اٿاري

ها جدائيءَ جا صدما ڏکياهِن
اهي تير کان تيز تِکاهِن
دل تو کان جدا پئي ٿي گهاري

ٻُڌ ڏيري جي ڳالھ منا تون
حزب الله کان صاف صفا تون
اچي هڪ پيرو وڃ تون نهاري

او پيارا تنهنجو خير هجي

تنهنجي حسن تي سڀ مرن ٿا
او سهڻا تنهنجو خير هجي
او پيارا تنهنجو خير هجي
تنهنجي ملڻ سان بهارون اچن

چپڙن تنهنجن تي پهرو آ تر جو
تو سان جو ڳالهائي سهڻا لاهي سانگو سر جو
کلڻ تنهنجي تي مور ٿا ٿلن

ڪيڏو نهي ٿو تو کي جوڙو گلابي
چال آ تنهنجي جاني مست شرابي
تنهنجي محبت لاءِ سڀ ٿا سڪن

حزب الله جو آ تو سان پيار پراڻو
ڏيري سان چڏ تون پيارا هاڻي اهو ماڻو
ملين مون سان جي ڀاڳ ٿا کلن

اڄ پاڻ ملئون ٻئي پيارا

اڄ پاڻ ملئون ٻئي پيارا
دنيا جلي ٻلي ساري
پر پاڻ کلئون ٻئي پيارا

سهڻا دلبر منهنجو آهين
چو ٿو منهنڙو يار مٺائين
ويهي سور سليون ٻئي پيارا

جيڪي مون کي ڏنئي تو نشاني
چمي اکين تي رکي آهي جاني
هٿ هٿ ۾ ڏئي هلون پيارا

ڏيري حزب الله جو تو سان پيار آ
سوا تنهنجي نہ ٻيو منهنجو يار آ
دل سان دل رليون ٻئي پيارا

مون کان منهن نہ مٽجان

ڏسي حسن تنهنجو دل ٿي ديواني
ڪري نانءُ تنهنجي ڇڏيم زندگاني
منهنجو پيار تون آن مون کان منهن نہ مٽجان

هڪ جيڏا آهيون پنهنجو جوڙ ٺهندو
ڏسي پاڻ کي گڏ زمانو پيو سڙندو
سچو يار تون آن هاڻي منهن نہ مٽجان

ويهي سامهون منهنجي اظهار ڪيو ٿئي
وساري نہ سگهندس اهڙو پيار ڪيو ٿئي
اعتبار تون آن هاڻي منهن نہ مٽجان

ڏيري حزب الله سان اٿئي نينهن لايو
منهنجو مان منڙا آهي تو وڌايو
مننار تون آن هاڻي منهن نہ مٽجان

حقيقت اها ئي ڇڏيان ٿو ٻُڌائي

نہ ڪر تون جدائي جدائي ۾ ڇاهي
مزو محبتن جو ويهون ڇو وڃائي

سَدا سُور صدمن جو ٻڻجي نشانو
جدائيءَ ۾ ماڻهو مري ٿو روزانو
حقيقت اها ئي ڇڏيان ٿو ٻُڌائي

منهنجي دل جا مالڪ او نرمل نماڻا
سهي ڪونہ سگهندين تون سختيون سياڻا
ڏکن ۾ نہ ٿيندو ڪو ئي ڪنهن جو آهي

ٻُڌي ڇڏ او ڏيرا نہ ڪر اهڙي غلطي
ختم ٿي وڃي ٿي سڄي موج مستي
متان پُل ۾ پيارا ڇڏين مُنهن مٽائي

ڏکايو اکڙين آ

اڄ جنھن جي سزا آ دل کي ملي اھو زخم رسايو اکڙين آ
دل نادان کي کھڙي خبر سنگدل کي چاھيو اکڙين آ

جي ڪونہ ڏسن ها ھي اکڙيون محبت جوڻ ٿڙن ها ڪيئن مکڙيون
ويران ڪيئون دل جي ڌرتي گلشن ھي جلايو اکڙين آ

رڳو ھن جي ڏنائون صورت کي سگھيون ڪونہ سڃاڻي سيرت کي
لڳي ڪوڙي ھن جي چمڪ پنيان ھا ڪيڏو ڏکايو اکڙين آ

ھاڻي چريو چريو سڏجان ٿو مان ماڻھن ۾ ڪونہ ڳڻجان ٿو
چوي حزب الله ھن موڙ پڄايو اکڙين آ

☆ ☆ ☆

اسان ڳوٺ وارا چا انسان نہ آھيون
اسان تو جھڙا تو وانگي بي ايمان ناھيون
شھپر وٺي ٿو اسان کي ڏسين
اسان تنھنجي زيرِدست دھمان نہ آھيون

ڦٽيو سَنڌ سَنڌ پيو آھي

معاشري ۾ گند پيو آھي، ڦٽيو سَنڌ سَنڌ پيو آھي
نہ مندر سان سچو ڪوئي، نہ ڪليسا ۾ بچيو ڪوئي
محراب ۾ ھنڌ پيو آھي، ڦٽيو سَنڌ سَنڌ پيو آھي

نہ بچيو ڪو ٻج ھاڻي آ، نہ سُک جو ڪو سج ھاڻي آ
وئي غيرت فنا ٿي آ، ھر ڪنھن جي انا ٿي آ
ٽُٽو ھنڌ ھنڌ پيو آھي، ڦٽيو سَنڌ سَنڌ پيو آھي

ٻَڌجي ويو ياڳيو ھاڻي، ڇُٽي ويو چور پاڻ ئي ھاڻي
ڊھي ليڪا ويا سيئي، ڪجي نيڪا ويا سيئي
نہ بچيو ڪو ئي رند پيو آھي، ڦٽيو سَنڌ سَنڌ پيو آھي

ڏکي ھيءَ زندگي پئي آھي، مھانگائي ڏاڍي ٿي آھي
لڪون چا تي لڪون ھاڻي، ڏيرو حزب الله چا جاڻي
اجان اڳتي پنڌ پيو آھي، ڦٽيو سَنڌ سَنڌ پيو آھي

نہ مُنهن مون کان تون موڙين ها

نہ دل منهنجي تون ٽوڙين ها
نہ ناتو غيرن سان جوڙين ها
ڏسين ها تون تہ ڪجھ سوچي
مناسب ڪونہ هو تو کي

محبت کي ڪري رُسوا
بُڏاءِ تو کي مليو آ ڇا
نہ مُنهن مون کان تون موڙين ها

ڏٺا ڪيڏا هئا سپنا
اکين تو لئي منهنجي جانا
نہ ايئن ارمان پورين ها

چوي ڏيرو هي حزب الله
وفا عيوض ڪئي تو جفا
نہ خنجر دل ۾ ڪوڙين ها

ڇا ڪجي

دل ٻاراٽي تي وئي آ ڇا ڪجي
بس نماڻي تي وئي آ ڇا ڪجي

ايڏا صدما هن سَنا پيار ۾ اڄ
پڪ پراڻي تي وئي آ ڇا ڪجي

رات اياز ۽ بخاريءَ کي پڙهيم
رات راڻي تي وئي آ ڇا ڪجي

دل کي صدمن تي مليا صدما آهن
اڄ ويچاري تي وئي آ ڇا ڪجي

جهول ٻيرن جو ميڙي ڏيندي هئي
سا بہ سياڻي تي وئي آ ڇا ڪجي

جام کي تي ڊڪ ڪري دلبر پيئي
بس اجاري تي وئي آ ڇا ڪجي

استاد عاجز ڏي ڪا صلاح اڄ پلي
دل پرائي تي وئي آ ڇا ڪجي

اڄ وڃان تو يار ڏيرا حزب الله
اڄ تياري تي وئي آ ڇا ڪجي

چا لکان

کيڏي تنهنجي آ حسين سادگيءَ تي چا لکان
نرم نازڪ گل جهڙي تازگيءَ تي چا لکان

تنهنجي پويان پؤنر وانگي تو قران پيو تو قران
مشهور تي تنهنجي وئي آوارگيءَ تي چا لکان

تيز لهجي ۾ محبت مون ڏني ڪيڏي پرين
مون سان ڪئي جيڪا هيئي ناراضگيءَ تي چالکان

منهنجي توسان دل لڳي يا تنهنجي مونسان دل لڳي
هن دل لڳيءَ تي دلربا تنهنجي مڳيءَ تي چا لکان

جهاتي پائي چنڊ ڏنو هڪ رات توکي هو صنم
هئي چيلهه تي تنهنجي سڳي اُن سڳيءَ تي چا لکان

حزب الله توکان شروع ڏيرا آ توتائين ختم
ڏس تون پلا پوءِ تنهنجي زندگيءَ تي چا لکان

دل تي وئي آ ڏاڍي

منهنجي هن سان ۽ هن جي مونسان دل تي وئي آ ڏاڍي
ملي وئي آ پاڻن سان آهي طبيعت جي هوءَ سادي
آ سهٽي ڪٽڪ رنگي آ سهٽي ڪٽڪ رنگي

مونسان جنهن جي آ سچي عاشقيءَ تان گهور ٿيان
ان جي محبت ۽وري سادگيءَ تان گهور ٿيان
دل آ چوندي منهنجي مان چريءَ تان گهور ٿيان
قيد ڪري پنهنجي محبت ۾ هڪ منٽ نہ ڏي آزادي

اکيون ٻوٽي مون ڪيو ها جنهن تي اعتبار آ
مونکان وڌ مونسان ڪيو جان من ها پيار آ
ان جو آهيان جي مان هو منهنجو سنسار آ
هڪ ٻئي جا ائين ٿي ويا هون ڪنهن شيءَ جو هجي ڪو عادي

حزب الله ڏيرو چوي ڏاڍو خوش آهيان هتي
مالڪ سائين سو ڏنو جنهن کي پيو چاهيان هتي
جنهن جي لئہ پاڻ کي روز پيو ٿاهيان هتي
منهنجي دل جو ويرانو هاڻي ٻڻجي ويو آ وادي

اڄ تہ سائين واھ جا سينگار ڪيا ٿئي

اڄ تہ سائين واھ جا سينگار ڪيا ٿئي
مست ماڻهو سهڻا هزار ڪيا ٿئي

راڊو گهڙي ٻانهن ۾ ۽ چيچ ۾ چلو
سوني هار ۾ تي پيو سهڻو ٿئي ڳلو
ڪلهن تي ڪيرائي چڙيا ڪارا وار ٿئي

ڪيڏا ڏسيان مونکي تنهنجا ناز ٿا وڻن
دليون ڪسڻ جا اهي انداز ٿا وڻن
سونهن سندا جاني شهڪار ڪيا ٿئي

حزب الله ڏيرا وئين دل ۾ گهر ڪري
مان تہ چوان تو تہ مونکان پل نہ ٿي پري
اهڙا اکين ساڻ پرين وار ڪيا ٿئي
مست ماڻهو سهڻا هزار ڪيا ٿئي

اڄ منهنجي تون شهرهلي

او سينگاري آ گلي گلي
اڄ منهنجي تون شهرهلي

گل چٽيا راهن ۾ مون
تن مٿان رک پير تون
دعوت آ تو کي دلي

تنهنجي پرين دڳ تي بيهان
سهڻا تنهنجي آجيان ڪيان
موسم آهي ڏاڍي ڀلي

ڏيرو هي چوي حزب الله
بسم الله توکي بسم الله
ميهڙ ۾ وڄ ملي

سنڌ پرستي زنده آباد

سنڌ پرستي زنده آباد
سونهن پرستي زنده آباد
پيچ پٽائي زنده آباد
ملڪ مِٽائي زنده آبادد
جُهو جُهو ماٽي لسي گهاٽي
امڙ جي ڇاٽي زنده آباد
خيال الستي نندپڻ جي مستي
سڀ شيءِ سستي زنده آباد
امڙ جي ٻولي قومي ٻولي
سنڌي ٻولي زنده آباد
تنهنجي منهنجي ياري پڪي
گوڏ لنگوٽي زنده آباد
گوڏي گاڏي مٽي تي چاڏي
آيا ساڏي زنده آباد
فيض الڪريم حبيب حضوري
نور جتوئي زنده آباد
حزب الله ڏيرا يادن جا ويرا
بصر سان ماني زنده آباد

ويلنٽائين ڊي جي مبارڪ مونکي نہ ڏي

ويلنٽائين ڊي جي مبارڪ مونکي نہ ڏي
حياتي رهي تہ توسان ملنداسين

مونکي سنڌ جي ڳيرن تي سوچڻ ڏي
مان في الحال پنهنجي وس ۾ نہ آهيان
سنڌ ۽ سنڌين جو دشمن ڏسان ٿو
منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي ٿا پون
مونکي گلاب گل دستي ۾ نہ کپن
مونکي اجرڪ ڏيو مان شهيدن تي وِجهان
مان اڄ احتجاج ۾ وڃان پيو
سنڌ مون ڏي سُرڪي پئي
مان سنڌ کي ڏسان پيو
حوصلو بلند آهي منهنجو
مان جيجل جي ٿڃ ملهائيندس
هڪ ڏينهن ڪاري رات روشنيءَ ۾ تبديل ٿي ويندي
مونکي پڪ آ مونکي پڪ آ

تنهنجي محبت جي مونکي ياد ايندي آ

سنڌوءَ جي ڪنارن تي جيئن شام ٿيندي آ
تيئن تنهنجي محبت جي مونکي ياد ايندي آ

جيئن گلابن جي مٿان شبنم جا مون قطرا ڏٺا
چا ڏسيان توکي پرين منهنجا او ماکيءَ کان منا
دل منهنجي جي ڌڙڪن صفا تيز ٿي ويندي آ
تيئن تنهنجي محبت جي مونکي ياد ايندي آ

موسمن وانگي نہ مٽبي آهي منهنجا او پرين
دل منهنجي توکي ٿي چاهي منهنجا او پرين
هر گهڙي مونکي تہ تنهنجي تات ڏاڍيتيندي آ
تيئن تنهنجي محبت جي مونکي ياد ايندي آ

حزب الله ۾ روح وانگي ياد تنهنجي گڏ آهي
ڏيرو توکي چا چوي پرواھ ڪا هوندي ناهي
ساڻ پاچو جيئن هجي ايئن ساڻ مون سان هوندي آ
تيئن تنهنجي محبت جي مونکي ياد ايندي آ

سنڌ منهنجي امان جان توتان فدا

سنڌ منهنجي امان
جان توتان فدا
ٽوپي اجرڪ ۾ هو پيارو لڳندو آ
اهو سهڻو سنڌي ڏاڍو مونکي وڻندو آ

چوڻ وجان جانيءَ تان مان صدقي صدقي
نازن سان جو ٻانهن کي لوڏي گهمندو آ

سنڌي سهڻي جي کهڙي واکاڻ کيان
گيت غزل هر شاعر ان تي لکندو آ

حزب الله ڏيري جو مان آهيان ديوانو
ميهڙ ۾ ميهڙائي منهنجو رهندو آ

جاڳيا جوڏا شير وڏيرا

هيل پڇين ڇڏ هير وڏيرا
جاڳيا جوڏا شير وڏيرا

ناهي مڃڻي تنهنجي ڪائي
ناهي تنهنجو خير وڏيرا

صدين کان ٿئي ساھ سڪايو
ٿي ويندين تون پورا وڏيرا

وقت وئين تون اهو ڪائي
جاڳيا ڀاڳيا مور وڏيرا

ووٽ تو کي ڏيڻو ناهي
پوئتي ڪر تون پير وڏيرا

هن سال سجاڳي آئي آهي
چپ ڪر چمچا چور وڏيرا

حزب الله ڏيرو سچ ٿئي چوندو
نانگ چوانءِ يا نور وڏيرا

حسن وارن جي محفل ۾

مزو ڏاڍو آهي ايندو حسن وارن جي محفل ۾
آهيان هروز مان ويندو حسن وارن جي محفل ۾

وڃي دل پئي ديواني ٿي حسينن جي اشارن سان
سُڪون آ روح کي ملندو حسن وارن جي محفل ۾

سوين سرساز هن ڇڙندا هوائون گيت ڳائن ٿيون
ٻڌي مَن چير آ نچندو حسن وارن جي محفل ۾

حسينن جي نہ ڇهري جي ماريندي مرڪ آ پيارا
جڏهن ڪو گل آهي ٽڙندو حسن وارن جي محفل ۾

نہ ڪوئي پاڻ تي هلندو آهي وس ڏيرا حزب الله
نہ ڪوئي هوش آ هوندو حسن وارن جي محفل ۾

اسان محبتي ماڻھن کي ميڙيون پيا

اسان محبتي ماڻھن کي ميڙيون پيا
نفرتن جا تڏا ٻہ ويڙھيون پيا

زماني جي سُورن ستايو آ يارو
ڏئي سُور سختيون جلايو آ يارو
اسان پنھنجو گاڏو ٻہ گيڙيون پيا

ڪيون ڪنھن ڪان نفرت اسان چوپلا
نفرت ۾ چاھي رکيو بابلا
اسان سِڪ سموري سھيڙيون پيا

اسان کي جيجل ڏني لولي آھي
محبت جي ٻڌائي مني ٻولي آھي
تڏھن تہ اسان جي وڏي جھولي آھي
اسان کيت الفت جا کيڙيون پيا

چوي حزب الله ڏيرو ميھڙائي منا
محبت ۾ ڪيئي مون ڪُسندي ڏٺا
اسان چنگ چاھت جا ڇيڙيون پيا
نفرتن جا تڏا ٻہ ويڙھيون پيا

جيئن مني آھي مونکي سنڌ جي ڌرتي

جيئن مني آھي مونکي سنڌ جي ڌرتي
تيئن پسند مونکي تنھنجي سونھن آ سرتي

نيڻ نشيلا سنڌوءَ ڪنارن وانگي
تنھنجي ھڪ جھلڪ آھي نظارن وانگي

زلف سنوارين تہ ٿي ھٻڳاءَ تا وڄن
ڇيڙا ڏسي تنھنجا ڪيئي پونر تا پلن

تو پيئاريو جام جو خمار اجان آ
حزب الله ڏيرو بي قرار اجان آ

چڏ ضد ڪي وچ تون ضد تان لهي

چڏ ضد ڪي وچ تون ضد تان لهي
سُهڻا ڪو نہ ايندئي وري موٽي وَهي
ٻن ڏينهن جي آ زندگاني منا
رکيو چاهي رسڻ ۾ وچ تون نهي

چو تون جوڙ چنڻ ڀلا چاهين تو
ڏئي سور مونکي تون ڏکائين تو
نندپڻ ڪان گڏ هون سوچ سَهي

مونکي پيار نہ ڏي ڀَلجان پنهنجو
هي عرض نماڻو اٿئي منهنجو
آيو آهيان پري ڪان توڏي ڪَهي

چوي توکي ڏيرو حزب الله
بس هڪڙو پيرو حزب الله
اچ آءُ هلي وچ رات رهي
چڏ ضد ڪي وچ تون ضد تان لهي

نہ بدليا

نئون سال بدليو مونجهارا نہ بدليا
زماني جي سوچن جا چارا نہ بدليا

ڪن پيا صلاحون سيئي يار گڏجي
ڪهڙي شيءِ ڪي چاڙهيون مارا نہ بدليا

اهي منهن موچارا اهي ساڳا چهرا
اهي باز وارا لامارا نہ بدليا

تبديلي تبديلي سڀ ڪو چئي پيو
اجا ساڳا ير اهي نعرا نہ بدليا

نياڻين سان ناحق اجان ساڳيو آهي
اجا ساڳيا وحشين جا وارا نہ بدليا

ميمبر ڪائونسلر اجان ساڳيا آهن
ڪڏهن هِنن وارا ڪڏهن هُنن وارا نہ بدليا

أتو سنڌ وارا پنهنجي قسمت سنواريو
بدليا سيئي ڏيرا حزب الله اسان پارا نہ بدليا

سنڌو جو ڪنارو تون ۽ مان

سنڌو جو ڪنارو تون ۽ مان
ڪينجهر جو نظارو تون ۽ مان

مرڪون تنهنجون ماکيءَ لارون
اکڙين جو اشارو تون ۽ مان

بي درد زمانو بي خوف خزائون
هڪ ٻئي جو سهارو تون ۽ مان

نيڻ نشيلا زلف قدِيلا هاءِ جواني
سيارو ۽ اونهارو تون ۽ مان

سنڌ جي ڌرتي ڪيت اسان جا
ٻنيون ٻارو تون ۽ مان

هٿڙن تي ميندي پيرن ۾ پايل
ڪٽڪن جو لابارو تون ۽ مان

چوي حزب الله ڏيرو وينو ميهڙائي
مينهن جو وسڪارو تون ۽ مان

رات ڊسمبر جي

ٿڌي رات ڊسمبر جي
وڏي رات ڊسمبر جي
ويو ڏينهن سڄو گذري
آئي رات ڊسمبر جي

سهڻا اڄ ته ڪچهريءَ تي
مونسان مچ ڪچهريءَ تي
نٿو وسرين تون مون کان
مرڪي رات ڊسمبر جي

هن سال جون ڪيون ڳالهيون
پيئون چانهه جون ڪي پياليون
ويهي ڪوليون سيئي خطڙا
سڄي رات ڊسمبر جي

اڄ تارا ٻه ٽمڪن پيا
۽ چنڊ ٻه چمڪي پيو
اڪ اڪ سان ناهي لڙي
ڏِگهي رات ڊسمبر جي

اڄ حزب الله چوان ڏيرا
۽ بسم الله ڪيان ڏيرا
وري ٿڌڙيون هوائون گهليون
نري رات ڊسمبر جي

مونکي ڏاڍو وڻندي آن

مونکي ڏاڍو وڻندي آن جڏهن چانور چندبيندي آن
پري جهول ڪڻن جو تون اڪريءَ ۾ ڪُٽيندي آن

جيئن شام جو سج پيو لهي جبلن جي اوٽي
ٻُڌي سَڏڙا ڪوئل جا بيني لئيءَ ڪان تڪيندي آن

ڏسي لاڪو تڪيو پنهنجو اچ روح منهنجو تڙپيو
جتي چم چم چيرين ۾ تون پاڻي پريندي آن

پلا ويس وڳا پائي پئي چوڙيون چٽڪائي
بيني ٻير سنڌيءَ مان پئي ٻير پٽيندي آن

اندلٺ جا رنگ پري مند مينگهه ملهار ۾
اهي زلف سهڻا کولي پئي ٻيهر ويڙهيندي آن

رکي ٻانهن تي ٻانهون ڪٽي گلڙا بيهندي هئينءَ
ڏسي ڏيري حزب الله کي اچ رستا مٿائيندي آن

تنهنجي نڪ جي ڦلي آ مونکي وڻي

تنهنجي نڪ جي ڦلي آ مونکي وڻي
وار چو ٿئي ڪوليا ڏئي اچ تون ڦٽي

اهي وار واسينگ جيئان وار ٽا ڪن
تون آن سونهن جي راڻي او سهڻي

آءُ سرنهن جي ڦولار ۾ ڳڏجي گهمون
هٿ هٿ ۾ ڏئي مون سان او موهڻي

چاندوڪي رات ۾ تنهنجو مرڪي هلڻ
پائي پازيب پيرن ۾ او پدمڻي

تنهنجي نخرن تي جهومي زمين آسمان
سونهن تنهنجي جي آڌو آ ڪينجهر ڪٽي

ڏس بهارون ٻه آيون وري سانوري
پائي گهونگهٽ ڳج آءُ چُنري ڪٽي

چوي حزب الله ڏيرو ڪر محبت گهڻي
منهنجي توسان آ دل ڄاڻي پاڪ ڏٽي

تون جي مرڪين تہ مرڪي زمين آسمان

تون جي مرڪين تہ مرڪي زمين آسمان
تون جي خوش ٿين تہ خوش ٿئي سارو جهان

تنهنجي پايل تي ٻيڙيءَ ۾ ڇم ڇم ڪري
ڪلي چام نوريءَ جو ڇڻ داستان

تون ڪا رولاڪ راتين جي راڻي آهين
تون جي زلفن کي کولين کُلي ڪهڪشان

توکي موهن دڙي جي ملڪ چوان
يا سنڌو نديءَ جي مُهاڻي مجان

تنهنجي هلڻ تان سهٽا چوي حزب الله
توتان قربان هزارين مان ڏيرا ڪيان

ان ڏينهن کان پوءِ اک نہ لڳي آ

جنهن ڏينهن کان تون جدا ٿيو آن جاني
ان ڏينهن کان پوءِ اک نہ لڳي آ
سڄي رات جاڳي مان ٿو گذاريان
خبر ناهي ڪهڙي مونسان ٿي ٺڳي آ

اڃي وڃ تون مون ڏي ملي وڃ تون پيارا
جدا ٿيندي گذريا ڪي ٿي سيارا اونهارا
ڪلهہ رات جاني جاڳي پيس مان
سڄي رات دل جي گهنٽي وڳي آ

مجيوسين محبت ۾ جدائيون بہ ٿينديون
سسئي پنهون جيان مدايون بہ ٿينديون
ڏنيون هيون جيڪي تو نشانيون او دلبر
انهن مان سنڀالي رکي مون سڳي آ

ڪيڏو هو تنهنجو پيار مونسان او جانان
پڇائيندا هئاسين پريتم جي معني
وساري ڇڏيو تو ڏيري حزب الله کي
تنهنجو نانءُ منهنجي لبن تي رڳي آ

پرين پڇتايو مون

اک اڙي توسان وري پڇتايو مون
دل ڏئي توکي پرين پڇتايو مون

تون جي سامهون يار منهنجي هئين ايندي
توکي ڏسندي ان گهڙي پڇتايو مون

بس رڳو دل کي پلڻ ۾ وقت ويو
آ سڄي زندگي پرين پڇتايو مون

اچ اڱڻ تي تون منا دلبر منهنجي
ڪونہ ڏسندي هڪ گهڙي پڇتايو مون

اچ آيون سوچون مون کي ڏيرا وري
حزب الله تنهنجون رڳي پڇتايو مون

بڻايون باغ دل جي هن ٽر کي

موسم ڏاڍي پلي آ دلبر منهنجا هلي آ
اچ هٿ ۾ هٿ ملائي دشمن پنهنجا جلائي
هلي آ يار هلون ڪينجهر تي
گهمي گورک اچون ۽ منڇر کي

ڪنداسين پاڻ ۾ سُنيون ڳالهيون
منا محبت پريون مِنيون ڳالهيون
ڏنا هن گهاوَ جدائي گهِرا
ٽوڙي تون آءُ جي اٿئي پهرا
بڻايون باغ دل جي هن ٽر کي

آهي مهراڻ جيئان موجن ۾
منهنجو هي مَن آ مست سوچن ۾
تنهنجي ديدار جي ضرورت آ
تنهنجي ئي پيار جي ضرورت آ
ڏسان ٿو بينو تنهنجي ئي در کي

وڃائي وقت متان ويهي رهين
ڏيرا حزب الله متان پوءِ چوين
ڏسان سنڌ ساري منهنجي حسرت هئي
اهڙي موسم چو جلد گذري وئي
ڪچو ڪاڇو گهمون ڪارونجهر کي

زندگي آهي گذارڻ مون ضروري سمجهيو

زندگي آهي گذارڻ مون ضروري سمجهيو
مڇ محبت سندو ٻارڻ مون ضروري سمجهيو

جنهن ڏنا سُور سدائين ۽ ڏنيون تڪليفون
اهي سڀ سختيون وسارڻ مون ضروري سمجهيو

ڪهڙو ڪنهن کي ٿو فرق پئي جو ڪيان حال مٿي
پنهنجو ها پاڻ سنوارڻ مون ضروري سمجهيو

چنڊ جهڙو هو چٽو چهرو مٿان ڦوهه وهِي
اهڙي ماڻهو ڏي نهارڻ مون ضروري سمجهيو

رکي من منجهه رڳو مير مدايون جيڪو
آيو در تنهن کي ڌڪارڻ مون ضروري سمجهيو

پڪ پئي خواب آ دنيا هي ڏيرا حزب الله
بس پوءِ وقت کي ٽارڻ مون ضروري سمجهيو

مان لکان ٿو لکان ٿو پيو شاعري

مان لکان ٿو لکان ٿو پيو شاعري
هڪ معصوم چهري تي پيو ڊائري

سونهن سنڌوءَ ڪناري تي ويٺي رهي
شام ٿيندي وئي سانوري سانوري

ڪيئن ڪينجهر ۽ منڇر گهمندا هئاسين
گوري چنچل حسينا او ٻانوري

هوءَ راڻيءَ جيئن باغن ۾ جهومي پئي
ڪوهه قاف جبل جي ڪا هوءَ پري

تنهنجي زلفن جي لهرن ۾ گم ٿي ويس
اچن يادگيريون ٿيون مونکي وري

ڄامشوري جون ٿڌڙيون هوائون ڏسي
چو ڏيري حزب الله سان ڪلي پئي چري

ميهڙائي سڏبو آهيان دنيا ۾ بس يار مان

پنهنجي ميهڙ تي مونکي فخر آ
چوجو مشهور منهنجو شهر آ
ميهڙائي سڏبو آهياندنيا ۾ بس يار مان

ميهڙ ماکي مصري آهي
مون لاءِ جنت جي نگري آهي
ميهڙائي سڏبو آهياندنيا ۾ بس يار مان

دنيا سڄيءَ جي هر هڪ ناري
پسند ڪري ميندي ميهڙ واري
ميهڙائي سڏبو آهياندنيا ۾ بس يار مان

سڀ کي پسند ٿئي ميهڙ جو مائو
چوندو آ هتڙي جيڪو جائو
ميهڙائي سڏبو آهياندنيا ۾ بس يار مان

حزب الله ڏيرا قسمت آ پلي
هر ماڻهوءَ کان محبت آ ملي
ميهڙائي سڏبو آهياندنيا ۾ بس يار مان

ماضيءَ جون يادون

اکلي ڦٿ پوندا هي
نيڻ رت روئندا ٻئي
غير پيي کلندا سيئي
ياد ڪر ماضي نہ دل چري .
. . . .
چوٿي ايڏو ستائين
چا ٿي آخر چاهين
توکي جهليو سدائين
ياد ڪر ماضي نہ دل چري .
. . . .
جنهن ڪيئي نہ وفائون
تنهن جي لاءِ دانهون
چو ڪرين ٿي اجايون
ياد ڪر ماضي نہ دل چري .
. . . .
حزب الله جو وٺ چيو
ڏيرو نہ تنهنجو هيو
جيڪو ٿيو گذري ويو
ياد ڪر ماضي نہ دل چري .

ٻڏو اٿم تہ ڪاڇي ۾ برسات پئي آ

ٻڏو اٿم تہ ڪاڇي ۾ برسات پئي آ
دلبر سان منهنجي ملاقات ٿي آ

عصر ويل ڪان پيو وسي وڏ ڦڙو
سڄو ڏينهن ڪڪرن جي محلات ٿي آ

ڪڪرن جون ريلون سماء آهي پيارو
گجگوڙ ڪنوٽين ۾ ڪا رات ٿي آ

غريبن جون دعائون اگهايون خدا هن
خدا جي خدائيء سان ڪا بات ٿي آ

ڍنڍون ڍورا ڀرجي ويا هن ٻڏان تو
خيالن جي ڏي وٿ ۾ خيالات ٿي آ

انڊلٺ جامنظر ڪاري جبل تي
شام جي پهر ۾ چا تہ لات ٿي آ

گجگوڙ سان وسي مينهن پيو آ
وسڪار پوء سڄي رات ٿي آ

سڄي سنڌ وارا شڪر ڪن ٿا پيارا
سانجهيء ڪان عصر ويل پرڀات ٿي آ

حزب الله ڏيرا شڪر آهي رب جو
ڪڪاون گهرن ۾ خيرات ٿي آ

توسان مني ملاقات ڪيان

پنڌڙا توڏي ڏينهن رات ڪيان
توسان مني ملاقات ڪيان
روز نئين سر او جاني
پيار جي مان شروعات ڪيان

هڪ هڪ پل صدين جيڏوتي پئي تون سامهون هجين
چوندي آهي دل منهنجيائين سدا منهنجا پرين
سانجهيءِ ڪان پرڀات ڪيان

ڏاڍو سڪايل آهن هيتوڪي ڏسن منهنجون اکيون
ڳالهائين وينو جاني تنهنجون ٻڏان ڳالهيون منيون
مان تہ نہ ڪائي بات ڪيان

حزب الله چوي ڏيرو ٻانهون پنهنجون هار ڪر
جيئن مان ڪيان توسان دلبر تون ب مونسان پيار ڪر
تنهنجو منو مان وات ڪيان

ڪاڇي جي رڻ مان ٽيون دانهون اچن

ڪاڇي جي رڻ مان ٽيون دانهون اچن
ڪر مهر مالڪ ڪي مينهڙا وسن

جهانگين ۽ سانگين ۾ ڏڌ جام ٿئي
جهلن ٻير ٻيريون ڪي پيرون پچن

اچن ياد مون ڪي ٿا اهي ڏينهڙا
وسن مينهن مارو ڪي رانديون رچن

رڍون ۽ ليڙيون ٻڪريون ڪاموريون چرن
ڦٽن گاهه پٽن تي ڪي ميلا مچن

ڏيرو حزب الله آهي ڏٽيءِ در دعاگو
اهي ڏينهن ساڳيا ڪي موٽي اچن

سنڌ جو شعور جاڳي پيو

سنڌ جو شعور جاڳي پيو
هاري مزدور جاڳي پيو

سنڌ جي حفاظت جي لاءِ
نوجوان غيور جاڳي پيو

بحريا جي غنڊن کي ڀڄائيندي
زخمن ۾ چڪنا چور جاڳي پيو

حقن جي خاطر وڙهندي
اڄ ٻڌمر لاشعور جاڳي پيو

مظلوم نياڻيءَ جي دانهن تي
ستل سور جاڳي پيو

چوي حزب الله ڏيرو ميهڙائي
ڪوڏر ڪهاڙي چنجور جاڳي پيو

محبت اسان جي نفرتن جي وَر چڙهي

زندگي بہ اهڙي حسرتن جي وَر چڙهي
محبت اسان جي نفرتن جي وَر چڙهي

طبيعت بہ ڪنهن ڪي وڻي ڪونہ پنهنجي
سدائين وياسين عبرتن جي وَر چڙهي

پنهنجن بہ پنهنجو ڪيو ڪونہ سائين
اسان بہ وياسين بغاوتن جي وَر چڙهي

وفائي،چڱائي، سچائي لئہ سوچيم
دنيا چيو غلط ويو آن عادتن جي وَر چڙهي

جمڻ سان اکين ۾ هون ڳوڙهن قطارون
وجان ڪيئن هان مان راحتن جي وَر چڙهي

هميشہ اها آس رهي آ ۽ رهندي
ڪنهن جي شل وجان هان چاهتن جي وَر چڙهي

ٿيو ڪونہ آهي عدل حزب الله سان
ويو ڏيرو اهڙي عدالتن جي وَر چڙهي

پلي پوء اچين نہ اچين

هن عيد تي جاني آء پلي پوء اچين نہ اچين
ڪر قرب سڪي تو ساھ پلي پوء اچين نہ اچين

روئندو رهيو سڄي عمر مان آهيان
هڪڙو پيرو ڪلڻ تو چاهيان
بند ڪيان اکين جو درياھ پلي پوء اچين نہ اچين

ڪونہ اٿئي ڪائي مجبوري
هروڀرو تو ڪئي آ دوري
هڪ ڏينهن اچي ڏي چاھ پلي پوءِ اچين نہ اچين

حزب الله چئي ڏيرو او جاني
آهيان چريو دل آ تنهنجي ديواني
وڏي ڏينهن تہ ڪر پرچاءِ پلي پوءِ اچين نہ اچين

ڪھڙو آ شهر منهنجو پري پري

اچين جي يار قرب ڪري ڪري
ڪھڙو آ شهر منهنجو پري پري

ٺڪ جون رليون مان يار وڇايان
سينٽون عطر مان تن تي ڇٽايان
ماڪي مکڻ ۾ بسريون پچايان
پنهنجي هٿن سان توکي کارايان
ڪاءُ اچي ته هنياءُ ٺري ٺري

سهٽا جدائي ساهه ڪڍي ٿي
انگ انگ منهنجو جاني وڍي ٿي
ساجن توکي ڏاڍو ٿي ساريان
رت جا ڳوڙها روز ٿي هاريان
ڪون صفا ٿي منهنجي سري سري

ڪونہ ڪندو ڪو توڏي پيرو
ٿي ويو پکو آن حزب الله ڏيرو
سرتيون مون کي ائين چون ٿيون
طعنا مهٽا روز ڏين ٿيون
قسم خدا جو پرين ذري ذري

مُنهنڙو بہ وئين مٽائي

هٿڙو بہ وئين ڇڏائي مُنهنڙو بہ وئين مٽائي
هاٽي ائين نہ چئو تون مُنهنجو تہ ڏس سڏائي

توکي چوندس بي قدرا مُنهنجو ڪونہ قدر ڪرين پيو
پوءِ بہ ديوانو تنهنجو هيس مان مون کي ڏاڍو وٽين پيو
جيئڙو منهنجو جلائي مُنهنڙو بہ وئين مٽائي

شيشو ٽٽل بہ جڙي سگهي ٿو ڪونہ ٽٽل دل جڙي آ
ٽر وانگي هئي پياسي دلڙي رهندو هيءَ اجڙي آ
باهين جا مچ مچائي مُنهنڙو بہ وئين مٽائي

ڏيرو پنهنجو هي حزب الله رولي راهن ۾ وئين
ڪوشش ڪئي آ پکي ٽيڻ جي جهڙو تون پاڻ پکو هئين
مون سان تکو ڳالهائي مُنهنڙو بہ وئين مٽائي

اجان سنڌ جيجل کي ساڙِن پيا

اجان سنڌ جيجل کي ساڙِن پيا ،
اجان وحشي ڪتا وات ڦاڙِن پيا ،
اجان معصوم نياڻين کي ڏاڙِهن پيا ،

اج ظالمن کي سزا چو ملي ئي نٿي ،
اجان واٽ ويندي نياڻي بچي ئي نٿي ،
اج نياڻين سان ٿيو وڏو ڊوھ آ ،
ظالمن کيو وري ڏوھ آ ،
اهي لوسي ٽائيم تاڙن پيا ،
نہ وحشت ختم ٿي آهي اجان ،
نہ دهشت ختم ٿي آهي اجان ،
هيءَ سنڌ باب الاسلام آ ،
چو ظالم نقشو بگاڙن پيا ،
سيئي وٽ وٽ کيو دوستو ،
بخاريءَ وانگر لکو چوء سٽو ،
يا هٿ ۾ کٹو کو تکو متر کو ،
تڏهن تہ ظلم کي ايندو ٻجو ،
پوءِ خوشحال سنڌ پنهنجي ٿيندي ،
نياڻين جي عزت بہ محفوظ رهندي ،
بس لکانٹو کجھ مان ڏيرا هتي ،
جلن ٿا حزب الله جيرا هتي ،
هتي وَجھ وقتي تاڙِن پيا ،
اجان معصوم نياڻين کي ڏاڙِهن پيا ،

نقصان ڪرايون وينو آن

افسوس آهي انسان آ تون انسان ويڙهايون وينو آن
بس ڪوڙي انا پنهنجيءَ خاطر نقصان ڪرايون وينو آن

مان مجان ٿو هئين اونداهين ۾ تون جيئري نياڻيون دفن ڪيون
آ توکي روشن راھ مليل پر پوءِ بہ دانهون اڇن پيون
اجڪلھ نياڻين کي پيٽ اندر ڏئي ڏيئون مارايون وينو آن

قانون پلائي پرور جا قانون ٻٽايا پنهنجا ٿئي
پئسي جي چمڪ ۾ گم ٿي وئين ايمان وڃايا پنهنجا ٿئي
دولت جي نشي ۾ چو خود کي حيوان ٻٽايون وينو آن

ٿو رنگ نسل ۾ فرق ڪرين توکي طاقت آهي ڪهڙي
تون ڏيرو آهين حزب الله تو ۾ جرئت آهي ڪهڙي
آ ذات نہ پنهنجي سڄاتي تو رحمان ورهايون وينو آن

هوريان هوءَ ڳالهائي پئي

گاگڙي ۾ جوئر جا سنگ اس تي
سڪائي پئي هوريان هوءَ ڳالهائي پئي

پاڻ پنهنجي ٻانهن ڪان پاڻ کي
لڪائي پئي هوريان هوءَ ڳالهائي پئي

تورو هوءَ اڳتي هلي من سان ڪلي
موڪلائي پئي هوريان هوءَ ڳالهائي پئي

ڇانگرا ڏئي ڇيلڙن سان ڏوڙ هوءَ
پائي پئي هوريان هوءَ ڳالهائي پئي

چوي حزب الله ڏيرو رب کي هوءَ
ٻاڏائي پئي هوريان هوءَ ڳالهائي پئي

اهي دڳ چارا اجارا پڇن پيا

اڃان رات ڪاري آ تارا پڇن پيا
نياڻين جي نيڻن جا چارا پڇن پيا

اهي سڀ ڳالهيون سانديون وتئون تا
متان مور مارين ويچارا پڇن پيا

ڪيئي رستا وياهن اڄ يار پلجي
اهي دڳ چارا اجارا پڇن تا

اسان جي محبت گهٽي اڄ به ناهي
اسان ڪان سيئي سنڌ وارا پڇن پيا
هيمونءَ جي جذبن جو مون کي قسم آ
سوليءَ تي هڪ ٻئي ڪان ڳارا پڇن پيا

ٻُڌي ڇڏ او ڏيرا ميهڙائي مون ڪان
هٽي هاٽي حزب الله نعرا پڇن پيا

تو ڪيو دلبر آهي سينگار جو

هلڪو هلڪو مينهن وسيو اڄ پيار جو
تو ڪيو دلبر آهي سينگار جو

واهه جو زلفن کي ناهيو يار اٿئي
وري پاتئي ڪارو وڳو ۽ هار جو

دل تي پئي ڌڙڪي اڄ منهنجي منا
تنهنجي اکڙين ۾ ڏٺم خمار جو

نيڻ تنهنجا نازنين اڄ پيا ٿا کُهن
ڪن پيا ٿا وار تي وار جو

بس خدا ناهي آ تو کي ناهيو
اڄ بينو آهين لکن ۾ نروار جو

حزب الله کي دل تان ڏيرا نہ لاهجو
ياد هن کي پيا ڪجو نہ وسارجو

ٿو سنڌ ۾ اڇين

روپ رهزن جو ڌاري ٿو سنڌ ۾ اڇين
ٻنيون ٻارا والاري ٿو سنڌ ۾ اڇين

تکي ڪاتي ڪٽي نڪ تنهنجو وڍيان
ساوا تارا ڏيکاري ٿو سنڌ ۾ اڇين

ڏس منهنجي ٽر کي مارن جي گهر کي
لفظ منا اچاري ٿو سنڌ ۾ اڇين

هڪ ڏينهن ٿيندو دنگ تنهنجو ٻہ ٿيندو
ڳوڙها واڳن جيان هاري ٿو سنڌ ۾ اڇين

چوي حزب الله ڏيرو تو کي ٿو غاصب
ٻُڌ وڏيرا ويلا ٽاري ٿو سنڌ ۾ اڇين

قريون مگ مٽر ساڳ پٽرائيندينءَ

اچان ڪچريون ميهن جون ڪارائيندينءَ
جَمن جِستيءَ ۾ پاٽي ٻه پياريندينءَ

جي رهان رات تو وٽ دلبر منا
ٿالهه ۾ پٽڙو پيت ڪارائيندينءَ

صبح جو ٻنا پنهنجا گهمنداسين پيارا
ڪر واعدو ڍنڍ ڪاچڙي گهمائيندينءَ

وسي مينهن ڪاچي اچانٽو پيو
دلان نئين جا منظر ڏيکاريندينءَ

سڪي ٿو حزب الله ڏيرو اجان
قريون مگ مٽر ساڳ پٽرائيندين

جي ايم طيباڻي ڏيرو جي نانءُ

هليا آياسين

تنهنجي جلون جي ٻڌي هاڪ هليا آياسين
پڇائي تنهنجا پرين ٿاڪ هليا آياسين

وئي اکڙين مان رسي ننڊ ڏسي راهن کي.
جاڳي سڄي رات ڦٽي باک هليا آياسين

پيو اڇي جون جي گرميءَ ۾ ڊسمبر جو مزو
جهليو ماٿن تي منجهند ٽاڪ هليا آياسين

هاڻي وس ۾ آهيون اوهان جي اوهان کي جيئن وڻي
سنواريو يا ته ڪيو خاڪ هليا آياسين

رکي اميد ڏسڻ سان او ڏيرا حزب الله
ٿيندي بيمار دل هي چاڪ هليا آياسين

شاعر ميهڙائي حزب الله ڏک جو اظهار هن لفظن ۾

جيءُ منهنجو پيو تو جهري
ميهڙ شهر پيو تو ٻري
هڪ ڏينهن ۾ ايڏيون وارداتون
الائي ڪير پيو تو ڪري
جيءُ منهنجو پيو تو جهري
ميهڙ جو ڪجھ خيال ڪيو
شهرين جو تحفظ هر حال ڪيو
بدامنيون ڦهلائي شهرن ۾
چئبو پاڻ پيو تو ڻري
ميهڙ شهر پيو تو ٻري
شهر جي حالت خراب ڪري
ماڻهن کي برباد ڪري
الائي ڇا تو هن کي وري
ميهڙ شهر پيو تو ٻري
امن امان ڪيو بحال
ميهڙائي پيو تو عرض ڪري

اڄ وڃئون ٿا

تنهنجو شهر توکي سهڻا مبارڪ
اسان پنهنجي ميهڙ مٿا اڄ وڃئون ٿا

ڏسي تنهنجا ڦوٽو غيرن سان گڏ اڄ
ڇڏي شهر تنهنجو صفا اڄ وڃئون ٿا

نڪي هٿ ملايون نہ توسان ڳالهايون
اسان توکان دلبر رٺا اڄ وڃئون ٿا

ڪيئي جيڪي واعدا ڪيئي ڪون پورا
ڏيون سڀ اڌورا پنا اڄ وڃئون ٿا

چوي حزب الله لڪان تو مان ڏيرا
ناهي ڪنهن ۾ پيارا وفا اڄ وڃئون ٿا

هٿڙو ٻہ وئين ڇڏائي منهنڙو ٻہ وئين مٽائي

هٿڙو ٻہ وئين ڇڏائي منهنڙو ٻہ وئين مٽائي
هاڻي ائين نہ ڇئو تون منهنجو تہ ڏِس سڏائي

توکي چوندس بي قدرا منهنجو ڪونہ قدر ڪرين پيو
پوءِ ٻہ ديوانو تنهنجو هُيس مان مون کي ڏاڍو وڻين پيو
جيئڙو منهنجو جلائي منهنڙو ٻہ وئين مٽائي

شيشو ٽٽل ٻہ جڙي سگهي ٿو ڪونہ ٽٽل دل جڙي آ
تہ وانگي هئي پياسي دلڙي رهندو هيءَ اجڙي آ
باهين جا مچ مچائي منهنڙو ٻہ وئين مٽائي

ڏيرو پنهنجو هي حزب الله رولي راهن ۾ وئين
ڪوشش ڪئي آ پڪي ٿيڻ جي جهڙو تون پاڻ پڪو هئين
مون سان تِکو ڳالهائي منهنڙو ٻہ وئين مٽائي

شاديءَ جو گيت

ٻڌي موڙ ڳانا پائي بوسڪي وڳو
اڇي گهوٽ سهڻو آهي ڪار تي پڳو

هٿڙن پيرن تي ميندي لڳائي
آيو پاڻ کي آ سهڻو سجائي
سنهڙي ڳچيءَ ۾ پائي سون جو سڳو

پيئر ٿيون هن جون سپ سهرا ڳائن
گلڙا ڇٽن ۽ جهمريون پيون پائن
گهورن امڙ ۽ بابو نوٽ ٿا رڳو

حزب الله آهي ڏينهن ڀاڳ وارو
ڏيرا اڱڻ آيو هر هڪ آ پيارو
پيارو اسان کي هر مائٽ آ لڳو

اسان گُم هون پرين پيارا محبت جي مڪانن ۾

اسان گُم هون پرين پيارا محبت جي مڪانن ۾
فرق ڪهڙو آهي سهڻا موتئي ۽ گلابن ۾

جيڏو سهڻو تيڏو رُسڻو مجين ڪنهن جي نہ تو آزي
اچي تو پر هنيون نعرو نقابن ۽ حجابن ۾

وڏ ۾ وڏ مني ماڪيءَ ڪان آ منو دلبر
حسينن ۾ آهي احسن محبت جي ڪتابن ۾

ملي مون کي سزا جيڪر محبت جي عدالت ۾
وجي منهنجو اسم لکجي سوالن ۽ جوابن ۾

گهُريم رب کان اها ئي دعا پرين پرچي پوي مون سان
آهي سُهڻو صفا وڌتر ستارن ماهتابن ۾

ويو ويتر ماريون مون کي اکين جي هڪ اشاري سان
چوي حزب الله ڏيرو مون کي جواني جي شبابن ۾

ايئن دل چوندي آ

سامهون ويهاري تو کي دلبر ڪيان ديدار تنهنجو
ايئن دل چوندي آ
جيئن تو چاهيان تو کي مون سان تي پئي پيار تنهنجو
ايئن دل چوندي آ

او منهنجا سهڻا سائين تون ئي تہ آهين منهنجي زندگي
تو کان سواءِ زهر آ منهنجي تہ پيارا هتي هر خوشي
مون کي ٻانهن وارو ڳچيءَ ۾ پئي شل هار تنهنجو
ايئن دل چوندي آ

گلڙا ڪٽي تو نهاريان بينو مان راهون تنهنجون دلربا
موسم ڪا محبت واري ايندي اڱڻ تي تون ڪندين وفا
مون کي چوندي چوندي آن جاني مان سنسار تنهنجو
ايئن دل چوندي آ

ڏيرو چوي حزب الله هڪڙي اها ئي منهنجي آس آ
روئي دعا ۾ گهريو تو کي ۽ باسي اها ئي باس آ
منهنجي هٿ ۾ هجي هٿ سهڻا بس دلدار تنهنجو
ايئن دل چوندي آ

هنر پيا اسان رڪون

تو ڪي خبر چا ڪيترو صبر پيا اسان رڪون
چريا ڪريا هلائڻ جو هنر پيا اسان رڪون

هزار پيرا هو چيو تو ڪي اڪيون نه بند ڪر
تو ڪان پري تنهنجو ڪيڏو فڪر پيا اسان رڪون

تو ڪو نه آڪڙ ڪي ڇڏيو ڏاڍائي تي اٽل رهيين
تنهنجي پل پل جي مٺا خبر پيا اسان رڪون

پئي اذيتون تنهنجون سَنيون تنهنجي نه ٿي پوي ڪا ڳِلا
ٺهڪن جا پنهنجي مُنهن تي مڪر پيا اسان رڪون

چا جي ڪري ۽ چو پيلا تنهنجي جاهلن جي لسٽ ۾
هئاسين نه ير ڪجھ ڪي لڪيل اڪر پيا اسان رڪون

چو ڪو نه آ تو تي حيرت هي آهي حزب الله
ڏيرا وڏا ٻين جي متان اثر پيا اسان رڪون

ڪري پيار پرينءَ سان وري اظهار وينو هان

سنگدل ڪي وري دلبر ڪري پيار وينو آهيان
ڪري پيار پرينءَ سان وري اظهار وينو هان

ڏسي ناز جانيءَ جا نوان انداز جانيءَ جا نوان
ڪري جان ڏيڻ وارو اقرار وينو آهيان

هڪ هنڌ ڪري اکڙيون دل بند ڪري پنبڙيون
ڪندو سامهون ويهاري سڄڻ ديدار وينو آهيان

اهي زلف تنهنجا ڪارا آهن نانگ سيئي سارا
چئي پاڻ ڏنگائيندم نروار وينو آهيان

ڏسي حزب الله ڏيري ڪي ميهڙائي ميهڙ ۾
ڏئي قرب پائي پاڪر سپ يار وينو آهيان

رب سائين جا هي نظارا
ڏِس باغن ۾ گل پيارا
ڏِس سورج چنڊ ۽ تارا
پيا چمڪن سهٹا ستارا

تون غدار آهين

تون غدار آهين
تون غدار آهين

اسان جا دڳ ساڳيا
اهي وڳ ساڳيا
اسان جا ڏڻ ساڳيا
اسان جا وڻ ساڳيا
تون ڇٽبو مٽيو اجان صفا ناهين
تون جيجل سان جهيڙو اجان پيو ٿو چاهين
تون غدار آهين
تون غدار آهين

هي ڌرتي منهنجي آ
هي سنڌ منهنجي آ
تنهنجي پي جي ناهي
اجان توکي مان کهڙي ڪُتِي ٻڌايان
تون لڙهندو اچين پيو ڪچو گنجي پايون
پنهنجي وڏن جا ڳڏھ کوتا ڪاهيون
مٽيو اج بہ ناهين
تون غدار آهين
تون غدار آهين

اج بہ سنڌ منهنجي زرخيز آ ڏس
ڪتي سون پاٽي ڪتي ان اپائي
سنڌو منهنجو اج بہ ٿو موجون ماٽي
تون ڳنرن ۾ ڳوڏا پيو ٿو ڳچائين
تون غدار آهين
تون غدار آهين

تون سنڌ جو وفادار ڪڏهن ڪون ٿيندين
در در جون نوڪرون اجان تون ڪائيندين
جيجل جي جهولي نصيب ڪون ٿيندئي
ستر سال کان پوء بہ نٿو سنڌي سڏائين
چوئي سچ حزب الله ڏيرو ميهڙائي
تون غدار آهين
تون غدار آهين

بخاري بہ پٽڪِيو امڙ سنڌ لئہ
سرڪش بہ سُرڪيو امڙ سنڌ لئہ
اياز تہ باهيون بہ ٻاري چڙيون
ميهڙائي بہ مُرڪيو امڙ سنڌ لئہ

ايئن پلا چو آ

سچي دنيا ۾ ايئن پلا چو آ
حشر مونسان هر گهڙي آ
اهو ويهي اڪثر مان سوچيندوآهيان
ملي مونکي آخر هي چو زندگي آ
رهيا ڏاريا نہ پنهنجن بہ بخشيو
ڏئي اهڙا الزام سر تي چڙهيائون
هيا اڳ ۾ ناسور جيڪي سمورا
زخم تن کي چيري زخم پئي ڏنائون
مان بي قياس اهڙن جي ويو ور چڙهي هان
ڪسي مونکان منهنجي سين هر خوشي آ

جيئان خوف ۾ تو مونکي ايئن لڳي تو
سدا ڪنڌ متان چڻ تي تلوار لٽڪي
سجهي ڪو نہ منزل نہ ڪا راهہ ڏسجي
جيئن ڪو مسافر طوفانن ۾ اٽڪي
ٿيو اونداهہ جو آ اهڙو چاهہ مونسان
ڪئي مونکان نفرت سدا روشني آ

سچڻ ڪوئي ناهي ڏسان جنهن طرف تو
چوي حزب الله مان سليان سور ڪنهن سان

ستايو آ ايڏو سچي ڏيهہ ڏيرا
جلائي متائي چڙيان پاڻ کي مان
متان ٿي پوي مون تي ناراض مولا
اهو سوچي ڪئي ڪو نہ مون خودڪشي آ

سنڌ ۾ ٿيو جنم منهنجو
سنڌ منهنجي ماءُ آهي
سنڌ جو مان پٽ آهيان
سنڌ سان منهنجو چاهہ آهي

هوءَ منهنجي ديس جي نياڻي آهي
ڏسو ڪيڏي سگهڙ سياڻي آهي
انب جي وڻ هيٺان ويهي
ٻڌائيندي سنڌ جي ڪهاڻي آهي

سنڌ منهنجي رهي آباد

ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين
ڪارونجهر کان ڪي ٽي بندر تائين
سنڌ رهي آباد سدائين
مارو زنده آباد سدائين
ڪڇي ڪاڇي ڪاري جبل کان لاڙ اتر تائين
سنڌ رهي آباد سدائين
مارو زنده آباد سدائين
سن جي ڌرتي سونهن پريءَ کان مورو ميهڙ خيرپور تائين
سنڌ رهي آباد سدائين
مارو زنده آباد سدائين
جوهي دادو مڪليءَ کان رحماني نگر تائين
سنڌ رهي آباد سدائين
مارو زنده آباد سدائين
شڪار پور جيڪب آباد لاڙڪاڻي کان ڄام ننگر تائين
سنڌ رهي آباد سدائين
مارو زنده آباد سدائين
حيدرآباد نواب شاهہ قاضي احمد کان سيوهڻ سکر تائين
سنڌ رهي آباد سدائين
مارو زنده آباد سدائين
حزب الله ڏيرا جيئي سدائين شهداد ڪوٽ شيخ نوتيءَ کان قمبر تائين
سنڌ رهي آباد سدائين
مارو زنده آباد سدائين

شايد تون مجبور رهين ٿو

ناتو نينهن ازل کان توسان
منهنجو توسان تنهنجو مونسان
پوءِ بہ مونکان دور رهين ٿو
شايد تون مجبور رهين ٿو
سوچُن ۾ آ عمر گذاري
ايڏي زندگي ڪيئن مون گذاري
شايد تون مجبور رهين ٿو
ايڏو تون مغرور رهين ٿو
پوءِ بہ مونکان دور رهين ٿو
ويساهہ گهاتي توکان ٿي آ
منهنجا ساٿي توکان ٿي آ
ايڏو رسڻ مان سکيو ناهيان
گهوري ڏسڻ مان سکيو ناهيان
گهاگهر سينو تنهنجي سڳي
ڇا تہ جواني تنهنجي مڳي
رات بخاري مون بہ ٻڌو پئي
پايل پئي هئي تنهنجي وڳي
تنهنجي مرضي تنهنجي آهي
منهنجو دلبر تنهن ۾ ڇاهي
مونکان رنو مور رهين ٿو

شايد تون مجبور رهين ٿو
منهنجي هٿ ۾ ڪانياٽي آ
جهار جوئر جي هڪليان پيو ٿو
تنهنجو فڪر سجو ڏينهن مونکي
ڳٽتين ۾ ايئن ڳاري پيو ٿو
تنهنجو پرچڻ ٽڪي ڦوٽو
منهنجي لاءِ جڻ لسي لوٽو
مونکي ياد ڪندي تون هوندينءَ
تنهنجي ياد بہ ايندي آهي
منهنجي سوچڻ۾ تون آهين
ذهنن ۾ ضرور رهين ٿو
شايد تون مجبور رهين ٿو
هٿ جو سودو مون وٽ ناهي
وڪٽي جنهن ڪي يار ڇڏيان مان
مونکان ايڏو دور رهين ٿو
شايد تون مجبور رهين ٿو
دل منهنجي ڪيئي ريزا ريزا
جڻ هٿ ۾ تنهنجي ڪاتي آهي
اڀ تي چنڊ بہ چمڪي پيو آ
چلڪي تنهنجي ڇاتي آهي
ڇا تہ هوائن ۾ اڄ چنڙي
ڦڙڪي جڻ ڪو ديش جو جهنڊو

مان تہ سڪايل سنڌو وانگي
تون بہ اجايل اٽيي ڏرتي
ڇا تہ جواني جوڀن تنهنجو
ايڏو تون مخمور رهين ٿو
تڏهن تہ مونکان دور رهين ٿو
شايد تون مجبور رهين ٿو
اڄ ٽڏڙي ٽڏڙي هير گهلي آ
مهڪي پيو آ تن من تنهنجو
ڏيرو حزب الله اڄ خوش آهي
اڄ تہ گلابي شام آ دلبر
پيرن ۾ تئي گهنگهرو پاتل
پئونرن آهي شور مچايو
گل گلابي جهومن پيا ٿا
ڳلڙن ڪي جڻ چمن پيا ٿا
گل گلابي جهومن پيا ٿا
تڏهن تہ تون مفرور رهين ٿو
شايد مونکان دور رهين ٿو
شايد مونکان دور رهين ٿو

منهنجون يادون تو کي اينديون تہ هونديون

تڏڙيون هوائون بہ گهلنديون تہ هونديون
ٻيرين ۾ ٻير ٿيا ڪوڙ هوندا
ٻبرن ۾ ڳيرن ڪيا ڳوڙ هوندا
هارين ڪلهن تي ڪنيا نوڙ هوندا
گهمندا تہ ڪيئي جوڙا جوڙ هوندا
ماڪيون وٽن ۾ وينيون يار هونديون
زلفن جون چوٽيون نروار هونديون
ولين ۾ متيرا ٿيا جام هوندا
هنداٽا ۽ گدرا ٿيا عام هوندا
ڪرڙن ۾ ڏيلها بربلن جون ٻوليون
چيهن جا چهڪا هر شام هوندا
ڪنڊين ۾ سنگريون منجهند ٽاڪ جو
گرم جهولن ۾ ڪڙڪنديون تہ هونديون
سهيلين سان جهمريون پريندي تہ هوندينءَ
گجگوڙ ڪنوڙين ڪئي اڄ بہ هوندي
شام جي پهر ۾ ڪڻ ڪڻ پئي وسندي
ڪويل جون ٻوليون ٻڌيون تو تہ هونديون
ڪري ياد ٿورو ڳوڙها اکين مان
برسات وانگي وسندا تہ هوندئي
ڪڏهن حزب الله کي ڪري ياد ڏيرا
چپن ۾ ڪجهہ ڪجهہ چوندي تہ هوندينءَ
مونکي ڪجهہ ٻڌايون منهنجا وچ او ساٿي
شام جا پائنچا پتيون ساڳيون هونديون

منهنجا مارو چلهہ تي ويهندا تہ هوندا
پايل بہ تنهنجي ڇم ڇم ڪندي پئي
ڏٽن ۾ ٽليون وڄنديون تہ هونديون
منهنجون يادون تو کي اينديون تہ هونديون
تڏڙيون هوائون گهلنديون تہ هونديون

جڏهن تون غريب هئين

مون مان تنگ ٿيو هئين پرين
ٿيءُ خوش لَڏيون تو وجانءِ
جان مون مان ڇُٽي پيئي
عمر لئي لَڏيون تو وجانءِ
وڃي هاٽي منايون ورهاءِ
ٿي خوش خوشيون ملهاءِ
هروڀرو ڦٽائين پيو
رڳي مون کي سَهائين پيو
ڳالهہ جيڪا اندر ۾ هيئي
کولي ڪونہ ٻُڌائين پيو
ماٺهو پنهنجي پسند جا گهراءِ
وڏيون وڏيون دعوتون ڪاراءِ
جڏهن تون غريب هئين
تڏهن منهنجي قريب هئين
جڏهن مجين تنهنجي هر ادا

ڏسي مون ڪان ٿي پئين جدا
هاڻي پلي ماڙيون اَڏاءِ
پلي شاهوڪار سڏاءِ
تنهنجون ڪونہ گلائون ڪيون
ڪنهن ڪي ڪونہ دانهون ڏنيون
مون سان ڪونہ چڱايون ڪيئي
پوءِ بہ منهنجون دعائون اٿئي
حزب الله ڏيرو چوي
تو ڪي شل وڏائي خدا

رکيم سنڌ ۾ جيئن پنهنجو قدم
اچي ياد ويو مونکي هن جو جنم
بچو ڪنهن جو ڪونهي ڪو هتڙي نسل
ڪيئي ارغون ترخان جابر ڏنم

ڏس ٽرڙو پٽ وڏيري جو
آ دشمن منهنجي ديري جو
هن سان ناهي ناھ منهنجو
ناهي سڄڻُ منهنجي ويڙهي جو

هڪ توسان ڪندو هان پيار پرين

هڪ توسان ڪندو هان پيار پرين
ٻيو ڌرتي سان ڪندو هان پيار پرين
ٻيو جيجل جنهن آ جنم ڏنو
رب تو جهڙو مونکي صنم ڏنو
مان ڳالھ ڪيان تو زلفن جي
هن ڪارن ڪارن ڪلفن جي
جن قيد ڪيو آ منهنجو جنم
تو مونسان ڪيو اقرار پرين
هن ڌرتيءَ جي هن گولي تي
مون توسان ڪيو اظهار پرين
چوي حزب الله ڏيرو محفل ۾
مون تو سان ڪيو وهنوار پرين
هڪ توسان ڪندو هان پيار پرين

ٺورو ترس راند توسان ڪيڏي وٺان
مان ڦرٽيون لاٽون ڦيرائي وٺان
ڪجھ ڳالهيون توسان ڪرٽيون آهن
هي نندپڻ وجي تو هٿن مان مٺا

يادون تنهنجون آيون

رات جاڳي پيم يادون تنهنجون آيون
ڳالهيون نندپڻ جون ياد مونکي آيون
مينهن وسندي ۾ تنهنجو گهوري ڏسڻ
چيلي چنر تنهنجو مون سان کيڏڻ
هٿ هٿ ۾ ڏئي گڏ مون سان هلڻ
راند تنهنجي کيڏڻ مونسان مرڪي ملڻ
نندپڻ جون رانديون ۽ مٽيءَ جا گابا
اهي مهري انڙا مارن جا نلهڙا
ٻيرن جا ڏوٽا مونکي ياد آهن
تنهنجا رسڻا مونکي ياد آهن
وارن ۾ گلڙا تنهنجا ٻول منڙا
اهي لال ڦيريون سهيلين سان جهمريون
مٽيءَ جا ٿيا جيڪي مون ها ڊانا
اڄ ٻہ مونکي ٿا جهورين جدائي جا منظر
وئي عمر گذري ڏيرا تنهنجي ساري
ڳائيندي ڳائيندي غزل گيت وايون

چيومانس

چيومانس سنڌڙي ٿي سُور سَهي
چيائين تہ سَولر پليٽ ڳپي

چيومانس ووٽ ڌرتيءَ جو آ
چيائين بکيو پيٽ ٻچڙن جو آ

چيومانس ٻچڙن کي پڙهائين نٿو
چيائين ادارن ۾ پيو آ قهر مَتو

چيومانس اکڙيون پَٽين ڇو نٿو
چيائين ڏينهن اڄ آهي ٽَتو

چيومانس محنت ڪرين ڪونہ ٿو
چيائين تون حق سچ لکين ڇو نٿو

ميهڙائي ڏيرو حزب الله ڪري ڇا ڀلا
مَتو مڙس ڌرتي جيئڻ تتي ڪربلا

چا تہ خواب هيو يا ڪتاب ڏنو

رات چپڙن ڪي چمندي مون گلاب ڏنو
چا تہ خواب هيو يا ڪتاب ڏنو
تنهنجي هٿڙن ۾ دلبر مون شراب ڏنو
چا تہ خواب هيو يا ڪتاب ڏنو
معصوم چهري تي تنهنجي مون نقاب ڏنو
چا تہ خواب هيو يا ڪتاب ڏنو
نئين شاعريءَ جو کُلندي مون باب ڏنو
چا تہ خواب هيو يا ڪتاب ڏنو
اکڙين ۾ تنهنجي مون آب ڏنو
چا تہ خواب هيو يا ڪتاب ڏنو
اڄ اڀرندي اولهہ کان مون آفتاب ڏنو
چا تہ خواب هيو يا ڪتاب ڏنو
ڏيري حزب الله ڪي اڄ مون بيتاب ڏنو
چا تہ خواب هيو يا ڪتاب ڏنو

سياڻا تا سڀ چون
سوچون ٿيون سِر ڪٽڻ
اها ڳالهہ ڪيئن مڃان مان
دليون نہ ٿيون مڃن

ڏهہ ڏهہ پيرا مونکان رسين ٿو

ڏهہ ڏهہ پيرا مونکان رُسين ٿو
منهنجو جيون مونکان کسين ٿو
پوءِ بہ مونکي پيارو لڳين ٿو

نيهن بہ تون آن ناز بہ تون آن
چاهہ بہ تون آن ساهہ بہ تون آن
مون کي تون ئي ڏاڍو وڻين ٿو

منهنجو مَن هي آهي ڏکن ۾
ڪونہ ڪو گذريو سال سُکن ۾
اڄ بہ مونکي ياد اچين ٿو

او حزب الله ڏيهہ ۾ ڏيرا
دردن جا هن دلبر ديرا
پوءِ بہ منهنجي دل ۾ رهين ٿو

ٺهڪن ۾ تي زندگي گذري

ٺهڪن ۾ تي زندگي گذري سوچيو اٿئي
معصومن سان چا ٿو نبري سوچيو اٿئي
رات وجي تي سوچي سوچي سوچن ۾
هر صبح جو ٿو سُور اپري سوچيو اٿئي
ظالم ته ويو مري ظلم نٿو مري چو؟
هر ڏينهن ٿو گوشو اُسري سوچيو اٿئي
ويڙهه هلي تي روزانو ڪو هِت ٿو مَري
ڪوهُت ٿو مَري سوچيو اٿئي
جاڳي وٺ جاڳو پيا جاڳو ٿا
جي سيڪو وَٺ وَٺ ڪري سوچيو اٿئي
سڄي سنڌ پئي تي ڦُرجي لُٽجي
ميهڙ ۾ تي ٻاهِ ٻَري سوچيو اٿئي
انهيءَ ڳالهه تي متفق آهين تون
ڪو ته هتڙي ڏيان ڌري سوچيو اٿئي
حزب الله ڏيرو وس آهر
پيو ٿو دانهون ڪري سوچيو اٿئي

منهنجي دل ٻي چَئي

اڄ ڏسي سُونهن ساڳو آ ڏڙڪي پَئي
منهنجي دل ٻي چَئي منهنجي دل ٻي چَئي
ڪونه جاڻي تي چا هي غلط يا صحيح
منهنجي دل ٻي چَئي منهنجي دل ٻي چَئي

نه تي سوچي مان سمجهائي آهيان ٿڪو
اڳيون ڪونه زخم آ ڪوئي ڇُٽو
وري ڪوئي زخم نئون ويندو ڏئي
منهنجي دل ٻي چَئي منهنجي دل ٻي چَئي

منهنجون اکڙيون روئارين ٻيهر مَتان
منهنجا آلا هي ڳِلڙا آهن اڄان
سَهان سُور نه آهي سگهه ڪا رهي
منهنجي دل ٻي چَئي منهنجي دل ٻي چَئي

چوي ڏيرو هي توکي چري حزب الله
متان ٻاهِ ۾ ساڙين وري حزب الله
ڇڏ حسن پرستي وڃ ضد تان لهي
منهنجي دل ٻي چَئي منهنجي دل ٻي چَئي

ٿوريءَ ڳالهه تي

روز جهيڙو هوندو آهي ٿوريءَ ڳالهه تي
نڪي گهٽ مان ٿو ٿيان نہ هو ٿو گهٽ ٿئي
طبيعت اسان ٻنهي ٽڏي ڪو نہ ڏاري آ
مان بہ هان ضديرو رکي ضديري سان ياري آ

هڪ ٻئي ڪان پل پنهنجي ڪو نہ ٿي سري
عادت اسان مان اها نہ ٿي نِڪري
ڪوڙ ساري پنهنجي مٿان ڪنئين توڙي خواري آ
مان بہ هان ضديرو رکي ضديري سان ياري آ

هڪڙو اصول پنهنجو رهيو سدا
ٻين جي چوڻ تي نہ ڪڏهن هون لڳا
هڪ اها شيءِ رڳو پنهنجي ڪم واري آ
مان بہ هان ضديرو رکي ضديري سان ياري آ

وڙهڻ نهڻ ۾ مزو ڏاڍو آ
روئي کِلڻ ۾ مزو ڏاڍو آ
حزب الله ڏيري ڪئي ڳالهه اها ساري آ
مان بہ هان ضديرو رکي ضديري سان ياري آ

ڏسي وار تنهنجا ڇلڙا

ڏِسي وارَ تنهنجا ڇلڙا
اکيون تنهنجون ڏِسي ڇپڙا
دل توسان لڳي وئي آ

تون حُسن جي راڻي آن
تون سيبتي سياڻي آن
ڏسي نرم تنهنجا هٿڙا
دل توسان لڳي وئي آ

ايئن ڏِس نہ پيارا تون
وري رُس نہ پيارا تون
ڪيون ڳالهيون ويهي منڙا
دل توسان لڳي وئي آ

ٻُڌ حزب الله ميهڙائي
ڪندو ڏيرو توسان سچائي
مونکي وٽندو آهين سنهڙا
دل توسان لڳي وئي آ

مينھوڳيءَ جي موسم ۾

مينھوڳيءَ جي موسم ۾ وسي سنڌ ساري
رحم ڪر خدايا ڪڪر ڪر نہ تياري

اسان تنھنجا ٻانھا تون مالڪ آن سائين
اسان جي آ توبھ تنھنجي در تي زاري

اسان جا عمل ناھن ڪر رحم پنھنجو
اسان جا عمل ايئن جيئن مٽ ۾ آ واري

ڪر رحم مالڪ سنڌڙي پنھنجيءَ تي
اسان تنھنجا بندا تون خالق آن باري

رب تون آن مالڪ تون صاحب ستار
ھلي جاتي ڪاتي پئي تنھنجي رب ستاري

مجي ميھڙائي پيو ڏيرو حزب الله
آھيون اسان سڀ تنھنجي در جا سوالي

مھا ٻوڏ جي حوالي سان

مُرڪون ميھڙ جون موٽي آيون
ڪيون مالڪ سوليون سٽايون
ويا ڏکڙا لھي غم سُور سھي
ڪيون مالڪ منٺڙي پلايون

رنگ بند تي جَوڏن ساھ ڏنو
گھر گھر مان پيٽ آ پاءُ ڏنو
سڀ گڏجي خوشيون ملھايون
مُرڪون ميھڙ جون موٽي آيون

ميھڙ جون سڀ نياٽيون بند تي
ٻوريون پرن پيون سياٽيون بند تي
ھٿُ ھٿ ۾ اچن ملايون
مُرڪون ميھڙ جون موٽي آيون

حزب الله ڏيري گيت ھي ٺاھيو
ميھڙ وارن آھي پاڻ ملھايو
اچو گڏجي گيت ھي ڳايون
مُرڪون ميھڙ جون موٽي آيون

واه وڏيرا منهنجا يار

واه وڏيرا منهنجا يار
عقل جا تو ۾ هن انبار

ماڻهو مرن پيا ڪيئي ٻڏن پيا
بک تي ڏنئي نياڻيون هزار
واه وڏيرا منهنجا يار

ڪوڙ ڪنيا تئي وانا چمچا
اجان توکي چا مان سمجهان
ڏه ڏه لوسي اتئي ڪمدار
واه وڏيرا منهنجا يار

منهنجي سنڌڙي منهنجي ماءُ
تو ۾ منهنجو سِرُ ۽ ساهُ
گهور توتان مان سئو سئو وار
واه وڏيرا منهنجا يار

تاريخون ٻڌائن پيون ٿيون
ڪڏهن نه سنڌ سان سچو آن تون

هر دؤر ۾ رهيو آهين غدار
واه وڏيرا منهنجا يار

توسان منهنجو جهيڙو ٿيندو
جيسين آباد نه ويڙهو ٿيندو
پيل سِر سِسيءَ ڪان ٿي پئي ڏار
واه وڏيرا منهنجا يار

حزب الله ڏيرو توکي پيو چوندو
سچ چوڻ ڪان ميهڙائي نه مڙندو
جمعو هجي يا ڇنڇر وار
واه وڏيرا منهنجا يار
عقل جا تو ۾ هن انبار

راشن لاءِ سڄي سنڌ ٻوڙايئي

راشن لاءِ سڄي سنڌ ٻوڙايئي
ڳوٺ اسان جا شهر اسان جا
واهڻ وستيون سڀ لوڙهايئي
شرم نہ آيئي شرم نہ آيئي

ٻنيون ٻارا تو پنهنجا بچايا
مرضيءَ تي تو ڪَٽ هٽايا
بنگلن ويهي فون ملايئي
شرم نہ آيئي شرم نہ آيئي

گهر گهر مان تو لاش ڪڍي
پيٽ روئي ٿي بابا ڙي
هر گهر ۾ ڪهرام مچايئي
شرم نہ آيئي شرم نہ آيئي

اجان پنهنجا پيٽ پرين ٿو
سار نہ مسڪينن جي لهين ٿو
حزب الله ڇئي انسان رنجايئي
شرم نہ آيئي شرم نہ آيئي
راشن لاءِسڄي سنڌ ٻوڙايئي

دل ٽٽي پئي پاٽهي جاٽي

اکيون روئن ٽيون هاٽي
دل ٽٽي پئي پاٽهي جاٽي
ايئن ڇڏي تہ نہ وڃين هان تون
دل منهنجي نہ پڇين هان تون

ڪيُئي واعدو منا مون سان
ايندس دلبر ملڻ توسان
ايندي اڄ يا پرين سپاٽي
دل ٽٽي پئي پاٽهي جاٽي

ڪئي جاني جدائي تو
رڳو ساھ سِڪي پيو ٿو
سِڪ توڏي پئي تاٽي
دل ٽٽي پئي پاٽهي جاٽي

انتظار ماري تو ڏيرا
حزب الله تنهنجو پيارا
شل خوشيون جاني ماٽي
دل ٽٽي پئي پاٽهي جاٽي

مونکان پنھنجا سور ويا وسري

مونکان پنھنجا سور ويا وسري
مون ماروئڙن جا سُور ڏٺا
الا سانگيئڙن جا سُور ڏٺا
الا جھانگيئڙن جا سُور ڏٺا

گھر ويااجڙي تر ويا اجڙي
بر ويا اجڙي سر ويا اجڙي
مون دِنگھرن جا مٿان پُور ڏٺا
مون ماروئڙن جا سُور ڏٺا

پنھنجي جھڳي پنھنجي يُنگي
پنھنجي رُڪي پنھنجي سُڪي
سي مانيءَ لئہ مجبور ڏٺا
مون ماروئڙن جا سُور ڏٺا

ننڍڙا ٻچڙا پيٽ بکايل
زخمي زخمي گھايل گھايل
اڄ جيئري چڪنا چُور ڏٺا
مون ماروئڙن جا سُور ڏٺا

حزب الله ڏيرو ڏکن جو ويرو
ھر ماڻھو ھِت آ ميرو ميرو
مون اکين ھوندي بي نور ڏٺا
مونکان پنھنجا سُور ويا وسري
مون ماروئڙن جا سُور ڏٺا

رنگ بند جي جوانن کي

رنگ بند جي جوانن کي
منھنجو سلام آھي تن کي

جن نند آ ڦٽائي
ڏينھن رات لڳائي
آھي ميھڙ بچائي
اھڙن جوڌن کي
منھنجو سلام آھي تن کي
رنگ بند جي جوانن کي

منھنجي سنڌ جا ھي مور
منھنجا سھڻا شھزور

سر سنڌ تان ڪندا هي گهور
چمان تنهنجن هٿڙن ڪي
رنگ بند جي جوانن ڪي

جيڪي رات ڪي ڏينهن پيا ڪن
دل شينهن جي سي ئي رڪن
اهي ماڻهو پيا وٺن مونڪي
رنگ بند جي جوانن ڪي
منهنجو سلام آهي تن ڪي

گهري دعا حزب الله ميهڙائي آ
مني مالڪ اگهائي آ
رب سائين ميهڙ بچائي آ
مبارڪون ميهڙ جي دليرن ڪي
منهنجو سلام آهي تن ڪي

تو ڪري آ ڇڏي هر پهر روشني

رات ڪاريءَ جيئان هُئي منهنجي زندگي
تو ڪري آ ڇڏي هر پهر روشني

نوڪرن ۾ هوندو راهه جو آ پٿر
مان بہ هُس ايئن صنم ڪو نہ هو ڪو قدر
پنهنجي قابل ڪري پيو ڪرين عاشقي

تيل سُرما ڏنا ڪو نہ سينگار ها
ايترا ڪنهن ڏنا ڪو نہ ڪي پيار ها
ڪو نہ ڪنهن ڪي وٺي هُئي ڪڏهن سادگي

مان بہ مدهوش ٿيندس ايئن حزب الله
ڪو نہ ڏيرا هوندا نيهن ۾ حوصلا
جام ڏين تو پري تو ڪيان مئڪشي

اسان کي تو دلبر وساري ڇڏيو

اسان کي تو دلبر وساري ڇڏيو
اسان تنهنجي يادن جو ٻاريو ڏيئو

ڏکيو منٺ هفتن ۾ ڄڻ سال هو
وڇوڙي جو صدمو سهي يار کو

پل پل ۾ اکڙيون ٻہ جاڳن پيون
سڄو سال سورن ۾ گذري ويو

ڪا رات سُک جي آئي کو نہ هئي
هر رات هڪڙو نئون موڙ هو

هڪ زندگي سا ٻہ سُورن سڙي
حزب الله ڏيرو آ چوندو ويو

غريب کي حق ملندو ڪڏهن

غريب کي حق ملندو ڪڏهن
ڪتي جو چڪ ڇٽندو ڪڏهن

سوچيندي سوچيندي ڏينهن رات وئي
اهو پنڌ ٻڌايو ڪٽندو ڪڏهن

اسان جي ٻہ دانهن خدا کي آهي
اسان جي ٻہ دانهن ٻڌندو ڪڏهن

لٽيري ڦوروءَ جي کهڙي زندگي
ويندو برباد ٿي نيٺ رُلندو ڪڏهن

اسان لوڊ مائوزر کيون وينا هون
اسان جو ٻہ مائوزر ڇٽندو ڪڏهن

حزب الله ڏيرو ڪري هڪڙو چا
ميهڙائي ٻہ سچ لکندو ڪڏهن

موهن جي دڙي جا آثار ٻڌائن ٿا

موهن جي دڙي جا آثار ٻڌائن ٿا
سنڌ قديم آ مسجدن جا مينار ٻڌائن ٿا

دنيا جي نقشي تي سنڌ هڪ ملڪ هو
جنهن ۾ سون چاندي ۽ دينار ٻڌائن ٿا

سنڌ شاهوڪار هئي هن کي ڪنگال بڻايو ويوآ
وڏي جُڳ جي ماڻهن جا واپار ٻڌائن ٿا

ڪوڙ سماج تي حاوي ٿي ويو آهي
سچ هيو ادا ڪردار ٻڌائن ٿا

امانت ۾ خيانت اڳ ڪونه هئي
اڄ به سنڌ جا ماڻهو ڪنڌار ٻڌائن ٿا

حزب الله ٿو چوي ڏيرو لکندو ٿو وڃان
ڪندا فيصلو حق وارا هيا هتي پڳدار ٻڌائن ٿا

منهنجي تاريختنهنجي تاريخ

منهنجي تاريخ نهي ٿي پئي
تنهنجي تاريخ ڊهي ٿي پئي
تون ڌرتيءَ جو غدار آهين
توتي لعنت وَسي ٿي پئي
ستر سال هن توکي گذريا
تون تون مَين مَين توکان نہ وسريا
ميديا توکي چوي ٿي پئي
منهنجي تاريخ نهي ٿي پئي
هاڻي ٿيندي هڪ هِڪاڻي
تنهنجي ٿيندي نيٺ پُڄاڻي
منهنجي کُهاڙي وهي ٿي پئي
تنهنجي تاريخ ڊهي ٿي پئي
هِت حزب الله هڪڙو ڏيرو ناهي
هرسنڌيءَ جو هِت ديرو آهي
لکن ۾ ڳالهه هلي ٿي پئي
منهنجي تاريخ نهي ٿي پئي
تنهنجي تاريخ ڊهي ٿي پئي

ڪڪر ڪارونڀار

ڪڪر ڪارونڀار ....مينهن وَسين جيڪار
ڪاڇو تو سڏڙا ڪرئي

جهانگي جهونگارن پيا .... رب سائين هيڪار
ڪاڇو تو سڏڙا ڪرئي

ڪر ٻاجهه سنڌڙيءَ تي .... مالڪ منا پالڻهار
ڪاڇو تو سڏڙا ڪرئي

ٻَر تر ڀَر ڪاڇو .... منهنجا ڏٽي ستار
ڪاڇو تو سڏڙا ڪرئي

ٻُڌ سڏڙا مسڪينن جا .... خالق مالڪ مٺيادار
ڪاڇو تو سڏڙا ڪرئي

سُڻ دعائون ميهڙائي جون........ حزب الله ڳائي ڳڻ هزار
ڪاڇو تو سڏڙا ڪرئي

ديدار دانش جي ٽين ورسيءَ تي منظوم پيٽا

سنگت لاءِ هوندو هُو حوصلو هو
ديدار دانش ماڻهو ڀلو هو

هر وقت لهندو هيو سار سڀ جي
ڏکيءَ مهل سڀ جو هوندو پرجهلو هو

نہ ڪي خوفِ دل نہ ئي جُهڪڻ وارو
پنهنجو پاڻ هو هڪ ادا ولولو هو

اڪيلو نہ هن ڪي ڏِٺوسين ڪڏهن بہ
اڪيلو هوندي بہ ڪو ڄڻ قافلو هو

ڪندو سنڌ سان ڪيڏو سچو پيار هو
جيئن هوشو هيمون ڪندو روپلو هو

ٻُڌائي هي ڏيرو ڀلا حزب الله ڇا
جڙيل هن سان محبت جو ڇا سلسلو هو

سائين محمد امين مگسي کي منظوم پيٽا

اکڙين مان وهي نار هليا ويا
ماٺهو مٽياندار هليا ويا
جيئڻ جو جن هو ڍنگ سيکاريو
سي ماکي مِصري لار هليا ويا
سائين محمد امين مگسيءَ جهڙا
محبوب ڳلي جا هار هليا ويا
کن جا اسان ٻچا هئاسين
کي تہ اسان جا يار هليا ويا
سچ جا عالم حق جا عالم
گفتن جا دلدار هليا ويا
وقت وجي ٿو اسان بہ ويندا سين
ڪيندا پويان پار هليا ويا
چوي حزب الله ڏيرو ميهڙائي
هنيانءَ منهنجي جا نار هليا ويا

چني جوڙ ڪنهن ڪا منزل آ ماٺي
محبت نہ ٿيندي سجڻ آ پراٺي
چوان حزب الله ٿو ڪجان سوچ ٿوري
جدائي نہ آهي راند ڪا ٻاراٺي

دادلو پٽ ديس جو

ڪلندي ڪلندي ويو هليو دادلو پٽ ديس جو
هو اجايل آب جو سنڌو نديءَ جي ويس جو

هن چميو آ سنڌ کي گلاب وانگي سدائين
هو عاشق سنڌ جو اجرڪ ٽوپي ڪيسَ جو

هن جي سياست ۽ نزاڪت ۽ حمايت هُئي سچي
هو نہ خادم هو وڏيري ڪنهن بہ ڪوڙي رئيس جو

ڳالهہ مزدور هاري ۽ پورهيت جي ڪيائين
بس اکين جو نار ويو دلبر گذاري ديس جو

علم هن جو آهي زنده جيسيتائين آهي دنيا
قدر ڪنهن کي ڪو نہ ٿيو ڏيرا علم شناس جو

مڪي پاڪ ۾ لکيل عُمري جي دوران

هِن پاسي ڪجون هُن پاسي ڪجون
رڳو اَجوا جي آ هاڪ اتي
کهڙِي دلبر جي مان ڳالهه ڪيان
ڪيئي مدني ڪياهن چاڪ اتي
هت ماڻهو ڏاڍو خوش ٿا رهن
هڪ ٻئي سان پيار سان پيا ٿا ملن
ڪٿي ڳالهه ڪيان مان ساک اتي
ڪيئي مدني ڪياهن چاڪ اتي
ڪري سجدو رب جو پيا ٿا نرن
گهري رب ڪان دعائون پيا ٿا گهرن
پلي پرهه ڦٿي يا باک اتي
ڪيئي مدني ڪياهن چاڪ اتي
جيئن حرم سهڻي تي آ نظر پئي
پوءِ اکڙين مان آيو آب وهي
گهلي ٽڏڙي هير ۽ واک اتي
ڪيئي مدني ڪياهن چاڪ اتي
هي حزب الله ڏيرو دعا ٿو گهري
وري رحمت جو ڪو ڪڪر وري
پوءِ مينهن وَسي يا ماڪ اتي
ڪيئي مدني ڪياهن چاڪ اتي

ڪِنوٽين جون رانديون هُيون

اڄ ڪاڇي ڪِنوٽين جون رانديون هُيون
ڪي اوپر پيون وجن ڪي اولهايون هُيون
ڪي اتر ڏکڻ ڪان ٻہ آيون هُيون
پرجي پيو ڪاڇو خوش پيا ٿين
ٻَنن جي لَٺيُن تي ڳڏ پيا گهمن
هٿڙا خدا ڏي ڳڏجي پيا ڪٽن
وَسي مِينهن مالڪ اجان تيز ڪو
ڪاڇو اسان جو اجايل اٿئي
ڏڳيون ٻڪريون اسان جون بڪايل اٿئي
انسان بک ۾ مري ٿو پيو
ڌرتيءَ ڪي ساوڪ ڪر رب عطا
هي تنهنجا بندا هن تون آن مالڪ مٿا
دلان مزراٽي ٻُورِي سالارِي وهاءِ
پَٽن تي هن ڏس اڄ اُسريون ڪنپيون
ڪلهه ڪاري جبل تي وڏو گوڙ هو
ڪڪرن جي اڳواڻ ٻَڌو مَوڙ هو
وَسيو مينهن ڪاڇي ٻوڙان ٻوڙ هو
تاثيري ڪاڇي جي لهي اڄ ڪا
پرجي ڪاڇو خدارا وجي رُڄ ڪا

ڪاڇي ۾ پانچا اچي ڏس تون پنهنجا
ڳاڙهيءَ مٽيءَ تي تنهنجا پَير آهن
دنبيءَ ٻير جا ڇٽيان ٻَير آهن
هن سال ڪاڇو ڪشمير اٿئي
غريبن ماڻهن جي ڪُلي تقدير اٿئي
گجگوڙ سان مينهن رب تو آ وسايو
هي ڏيري حزب الله جون دعائون اگهيون
اڄ ڪاڇي ڪنوٽين جون رانديون هُيون
ڪي اوپر پيو وجن ڪي اولهايون هُيون

دِلان نئين ۾ مان
نثري ٽڪرو

تقريبن اڌ رات جو وقت هو ، آسمان ۾ گجگوڙ ، ڪنوڻ جون تجليون شروع ٿيڻ سان گڏوگڏ مينهن وسڻ شروع ٿي ويو .
مون کي جاڳ ٿي .
ڪجهه دير کان پوءِ مينهن ۾ دلان نئين اچي ڪڙڪي سڄو آسمان ڪارونڀار ٿي ويو .

نثري ٽڪرا

وڪ وڪ تي هن ڪندا ڪاوا
منزل ميل آهن وڪون ٻٽي
نيٺ تہ هڪ ڏينهن پڄڻو آهي
ملان ٻانگ اجان ڏني ناهي
(1)
سوچن جو سمنڊ پيو اٿلي
گهورارو جو هوڪو ٻڌي
سالن ڪان پيو سڏ ڪري
ڌرتي جو هي واهُرو
(2)
ڪو هٽ پيو رڙي ڪو هٽ پيو رڙي
هي ڪيس الائي ڪنهن آ ڪيو
ڪو جنت جي ڪري تياري پيو
ڪو ميخانن ۾ جهومي پيو
(3)
گهمندي ڦرندي ڪر واڪا
من وحشي ويري موٽي پوي
ڪنهن جي زندگي بندگي ٿئي
من ظالم کي ڪو رحم پوي
(4)

هائيڪا

ناهي منهنجي ذات
ذات آ مٺي رب جي
جنهن خلقي ڪُل ڪائنات

شهر ٿو اونداهو لڳي
روشنيءَ جا ڏيئا ٻاريو
ڏسو هي وري ڪير ٿو نڳي

سانوريون شام جو
ويٺيون گج پرن
سنڌو تنهنجي نانءَ جو

اعجاز علي سوڍر (انمول)

ماروئڙن جا لِنگ اگهاڙا پيٽ ٻڪايل ٿو ڏسان،
سانگين جا سُور سوايا چُلهہ اُجهايل ٿو ڏسان،
منهنجا ماروئڙا هِت هر روز مَرندا رهن ٿا،
وَيرِيُن جي هٿن ۾ هٿيار سجايل ٿو ڏسان،
ڪَچن گهرن اندر الفت جا انبار لڳل هِن،
سندن مَن مندر محبت سان مچايل ٿو ڏسان،
ظالمن جا ظلم سَهي اباڻا اناج ٻہ اپائن ٿا،
معصوم ٻچڙا ماني لئہ سِڪايل ٿو ڏسان،
محبت ۾ ڪائي مات ويا هي ماروئڙا آهن،
ڏوڪيبازن اڳيان ڪنڌ جُهڪايل ٿو ڏسان،
گهرَ ٻہ هنن جا ۽ هِي ترَ ٻہ هنن جا ئي آهن،
پنهنجن اَجهن ڪان ٻي گهر ٻڌايل ٿو ڏسان،
مهمان نوازيءَ ۾ مَهان هي ماڻهو سارا،
قرب ۾ سي گهرَ ٻارَ لٽايل ٿو ڏسان،
ڏکن جا ڏونگر ڏوري جيئن ٿا جي،
ٻين لئہ انمول نند ڦٽايل ٿو ڏسان.

سُور ۽ سزا محبوبن جو مَرڪ، رهن ٿا غرق، جو پتو نہ اٿن پنهنجو.

زندگيءَ جي حقيقت

سپ ڪجهہ هِت ڇڏڻو پوندو، پاڻ اڪيلي هلڻو پوندو،
هتي جو جوش اجائي آ، بي خبر بڻجي زندگي وڃائي آ،
مگن ٿي آخرت ڀُلجي وياسين، دنيا جي رڻ ۾ رُلجي وياسين،
هِت ظالم ظلم ڪري ٿو، هتِ ڏاڍو ڏاڍ ڪري ٿو،
دنيا جي هر شيءِ فاني آهي، ختم ٿيڻي هر خان جي خانِي آهي،
دنيا مؤمن لئہ قيد خانو، دنيا ڪافر لئہ جنت جو آستانو،
بي فڪر سپ سُتل آهن، غريبن جا سِينا ڦٽيل آهن،
بي ڏوهي ٿو ڪنهن لئہ وَير رکي، ٻئي لئہ دل ۾ مَير رکي،
ظلم ڏسي چَوي ٿو خير آ، پنهنجي لئہ سيڪو سَوا سَير آ،
انسان مٽيءَ لاءِ ٺهيل آهي، پوءِ بہ وتي ٿو پاڻ کي ٺاهي،
سيڪو سياڻي جا ٺاهہ ٺاهي ٿو، ڪيس خبر آهي تہ شيطان پلائي ٿو،
سُونهن لئہ سپ ڪو ٿو مَري، سينگار سواءِ نہ ٿي ڪنهن جي سَري،
ديدار لئہ دعوىٰ ٿو ڪري، رهي اڪيلو سيني ڪان پَري،
هِت وڏائي اجائي آ، فضول ۾ زندگي وڃائي آ.

اولاد شيءِ ئي اهڙي آهي

ڪري ياد تن کي، پاڻ ڀُلجي وياسين،
رسائي راهہ روح جي انهن کي، پاڻ رُلجي وياسين،
ڪلڻ ۾ ڪيرو ڪري هِنن کي، پاڻ پنهنجو روئاري وياسين،
دل سان هِنن کي چاهيو، پاڻ چاهت ۾ چريا ٿي وياسين،
هِنن کي منزل تي رسائي، پاڻ رستو ڀُلجي وياسين،
عشق کي عروج تي پُڄائي، واپس ورڻ ڀُلجي وياسين،
هِنن جا سپنا ساڀيان ٿيا، پنهنجا خواب ٽوڙي ڇڏياسين،
ڏسي سهڻي صورت سندن، پاڻ پيچرن ۾ اٽڪي پياسين،
اڻ سونهان اسان انمول، پيار ۾ پاڳل بڻجي وياسين،
اسان هنن سان دل لڳائي، دل جي بدلي بي وفا بڻياسين،
غلامي ڪري هنن جي، سوڍِر بي ڏوهہ اسان ڏوهي بڻياسين.

الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن (آس) ميهڙ

ميهڙ جتي هر ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي، اتي سماجي خدمت ۾ بہ سَرس رهي آهي. ميهڙ جي مشهور علمي ڳوٺ سوڀو خان مگسيءَ ۾ هڪ فقير صفت صوفي مَنش خليفو امان الله نالي گذريو آهي. هن بزرگ پنهنجي زندگيءَ جو اصل مقصد ٻين ڪارڻ جيئڻ ۾ سمجهي پنهنجي پوري زندگي بلاتفريق رنگ و نسل، مذهب و مسلڪ ۽ ذات پات جي انسانيت جي خدمت ڪرڻ ۾ صَرف ڪئي. هن بزرگ شخصيت جي سماجي خدمت صدين تائين پنهنجو ثمر ڏيندي رهندي ۽ صدين تائين پاڻ کي دلين ۾ امر بڻائي چڪي. هن بزرگ شخصيت جي نسل ۾ سندس فرزند ارجمند جناب صاحب خان چنو جي گهر ۾ سندس ڪردار ۽ فطرت جي عڪاسيڪندڙ محترم سائين خليفو شفيق احمد ”شفيق“ چنو جي روپ ۾ جنم ورتو. سائين خليفي شفيق احمد ”شفيق“ چنو صاحب جي شخصيت ۾ سندس ڏاڏا سائينءَ واري فطرت ۽ ڪردار عيان نظر اچي ٿو. سائين خليفو شفيق احمد ”شفيق“ چنو صاحب پنهنجي وڏڙن جي روايت کي برقرار رکندي پنهنجي حيثيت آهر بلاتفريق غيري سپ ڪنهن جي مدد ۾ اڳيرو رهيو آهي. اڄ جي دور ۾ جڏهن انسان گهٽ آمدن جي ڪري پريشانين جي وَر چڙهي چڪو آهي. مهانگائي چگن چگن جون مَتون مُنجهائي رکيون آهن. هن ايتري مهانگائي ۽ ضرورتن جي مشڪل سان پورائي ٿيڻ واري دور ۾ جڏهن خرچ ڪرڻ بہ پنهنجي مفاد تي مبني هجي ٿو، اهڙي دور ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ وارا جس لهن. اهڙن سخي مرد مجاهدن جي لسٽ ۾ ميهڙ جي هن مُحب انسان جو نالو سرِفهرست آهي. سائين خليفو شفيق احمد صاحب بنا ڪنهن وَسائل جي پنهنجي ڪيسي منجهان کُليءَ دل سان غريب ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ڪرڻ لاءِ سندرو ٻَڌي ميدان ۾ لهي پيو. هن پنهنجي خدمت کي باقائده منظم ۽ مُستقل بنياد تي جاري رکڻ جي نيت سان ”الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن“(آس) جي نالي سان هڪ فلاحي تنظيم جو باقائده بنياد وڌو. پاڻ پنهنجي وَس آهر آس جي پليٽ فارم تان غريب ۽ مسڪين ماروئڙن جي مدد ڪرڻ ۾ پاڻ ملهائيندو رهيو آهي ۽ اڄان بہ ملهائيندو رهي ٿو. سائين خليفي شفيق احمد صاحب جو شمار ميهڙ جي سخي

مردن جي لسٽ ۾ پهرين صف ۾ شامل ٿئي ٿو. هن بزرگ شخصيت پنهنجي وڏڙن جي ڏنل سبقن کي هميشه ياد رکيو آهي. هن شخصيت ڪيترن ئي محتاج مسڪين ماروئڙن جي اهنجن کي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجا پورا جتن ڪيا آهن. غريبن جا اجها ناهڻ، غريب مسڪين نياڻين کي ڏاج ڏيڻ، مسڪين ماروئڙن جي پُٽڙن جا طهر ڪرائڻ، مسڪين شاگردن جي مدد ڪتاب، ڪاپيون، اسڪولي يونيفارم ۽ اسڪولي بيگ جي صورت ۾، مختلف سماجي، ادبي ۽ علمي پروگرام ڪرائڻ، مختلف موضوعن تي ڪتاب ڇپرائڻ ۾ سهڪار ڪرڻ، دوستن کي پنهنجي تڏي تي گهرائي چانهه مانيءَ سان مهمان نوازي ڪرڻ، علم جو اتساهه پيدا ڪرڻ لاءِ مسڪين شاگردن جي مدد ڪرڻ، علاج معالجي ۾ مستحق ماڻهن جي امداد ڪرڻ، گرمي سرديءَ کان بچڻ لاءِ گرم ڪپڙا، بستر ۽ ٻيون ملبوسات مهيا ڪرڻ وغيره جهڙا ننڍا وڏا فلاحي ڪم ڪرڻ هن فلاحي تنظيم جي سڃاڻپ رهي آهي. سائين خليفي صاحب جي هن ويلفيئر ٽرسٽ جو ڪو مستقل ڊونر به ڪونه آهي. نه ئي وري ڪو خاص سهڪار ڪرڻ وارا ماڻهو آهن. سائين خليفي شفيق صاحب کي پنهنجي سماجي خدمت کي بهتر کان بهتر نموني سان جاري رکڻ لاءِ سهڪار جي تمام گهڻي ضرورت آهي. منهنجي سيني صاحبِ استعداد ۽ سَرنديءَ وارن کي اها گزارش آهي ته خدارا قدم وڌايو، پنهنجي دل جي خوشيءَ سان هن فلاحي تنظيم جو سهڪار ڪري هن بزرگ شخصيت جا دستِ بازو مضبوط ڪريو ته جيئن هي پنهنجي خدمت ذريعي مرجهايل چهرن تي مرڪون وکيريندو رهي.دعا آهي ته هيءَ ويلفيئر الله رب العزت جي بارگاهه ۾ قبوليت جو درجو ماڻي ۽ هن بزرگ شخصيت جي لاءِ دنيا و آخرت ۾ ڪاميابيءَ جو سبب بڻجي. آمين

اعجاز علي سوڍر

پي ايڇ ڊي اسڪالر ميهڙ



حزب الله ميهراڻي، جنهن جو نالو حزب الله ڏيرو آهي. سندس شاعرانې عمر ڪا۾ ايتري وڏي نہ آهي ليڪن حزب الله ميهراڻي مختصر عرصي ۾ لکيو چڱو آهي. سندس شاعريءَ ۾ مون هڪ خاص ڳالھ جيڪا نوٽ ڪئي آهي اها تہ هو جو ڪجھ بہ لکي ٿو سو پنهنجي انداز ۽ طريقي سان لکي ٿو. ڪنهن جو پيرو ڪئي پند نہ ٿو پوي. حزب الله ميهراڻي پنهنجن جذبن، احساس، سوچ ۽ فڪر کي پنهنجي بلڪل الڳ ٿلڳ رنگ ۾ شاعريءَ جو روپ ڏئي ٿو. مون ڪيس شاعريءَ جي شوق ۾ خوب محنت ڪندي ڏٺو آهي. سندس دل جا اهي احساس شاعريءَ جي روپ ۾ سندس زباني بہ ٻڌا آهن تہ مختلف فنڪارن ۽ فنڪارائن جي من موهيندڙ آواز ۽ انداز ۾ ٻڌا آهن. هي ئ سندس ابتدا آهي. سندس ان پند تي جستجو، دلي لڳاءُ، شوق ۽ محبتن سان آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ اهو ڇاھ ڪيس هڪ ڏينهن ڪاميابي جي راھ تي ضرور آڻي پهچائيندا.

امتياز عادل سومرو

02 فيبروري 2022